تاريخ جو سبق

ڈاڪٽر مبارڪ علي (ليڪڪ)
غلام محمد لاکو (سنڌيڪار)

گرامي پبليڪيشنس
دولت پور صفن
ضلع نواب شاھ سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو سبق

ڊاڪٽر مبارڪ علي (ليکڪ)
غلام محمد لاکو (سنڌيڪار)

گرامي پبليڪيشنس
دولت پور صفن
ضلع نواب شاه سنڌ
١٩٨٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Publication Series: 5

گاڏيتو : هڪ هزار

سال : ۱۹۸۴ (مارچ)

قيمت : ڇهه روپيه

پبلشرز: غلام علي باگاڻي

پاران : گرامي پبليڪيشنس، دولت پور صفن سنڌ

پرنٽرز : سردار پرنٹنگ پريس حيدرآباد سنڌ

TARIKH JO SABAQUE (A book on History)
Translated into Sindhi
by: Ghulam-Mohammed Lakho.
Price: Rs: 6/- Year: 1984 (March)
Publishers; Girami Publlcations
Dolat-pur Saffan Sindh.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو سبق

* سنڌيڪار جي قلم مان
* ليکڪ جو نوٽ
* تاريخ ۽ ماضي
* تاريخي واقعا
* تاريخ ڇا آهي؟
* تاريخ جو فلسفو
* فرد ۽ عوام
* تاريخ ۽ فطرت
* آبهوا ۽ ماحول
* تاريخ جا ٻه طرف
* تاريخ جو سبق
* ڇا تاريخ حقيقت جي ته تائين پهچائي سگهي ٿي؟
* تاريخ ۽ مؤرخ
* تاثرات
* پڇاڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[گرامي پبليڪيشنس، پنهنجي همڪار ڊاڪٽر محمد لائق زرداري صاحب جو، ڪتاب جي ڇپائيءَ جي نگراني ڪرڻ لاءِ شڪرگذار آهي].

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيڪار جي قلم مان

تاريخ جي موضوع تي، سنڌيءَ ۾ ڪو ڪتاب لکيو ته ڪونهي، پر جيتريقدر منهنجي ڄاڻ آهي، ان متعلق ڪو ڪتاب ترجمو پڻ نه ٿيو آهي. ڪافي سال اڳ، تاريخ متعلق سنڌيءَ ۾، سنڌي ادبي بورڊ هڪ ڪتاب "تاريخ جو فلسفو" عنوان سان ڇاپيو هو؛ جيڪو علامه ابن خلدون جي "مقدمه" جي هڪ باب جو ترجمو هو. جڏهن مون ڊاڪٽر مبارڪ علي صاحب جو، هي ڪتاب هٿ ڪري پڙهيو، تڏهن هڪدم ان کي سنڌي ويس ڏيڪائڻ جو ارادو ڪيو. ليڪن ان ڏس ۾ ليکڪ کان، اجازت وٺڻ ۾ هڪ سال جو عرصو لڳي ويو. بهرحال جڏهن ڊاڪٽر صاحب موڪل ڏني؛ تڏهن مون صرف هڪ هفتي جي عرصي ۾ ڪتاب ترجمو ڪري، خاڪي جوڀي جي حوالي ڪيو، جنهن ان کي ترت ڇاپڻ جو ارادو ڪيو هو. اڳتي هلي هن صاحب، مسودو واپس ڪري ڇڏيو.

ڪتاب خريد ڪرڻ، پڙهڻ، لکڻ، ڇاپڻ ۽ ڦوڙ در در ٺوڪرون کائي، ان کي مارڪيٽ مهيا ڪرڻ؛ گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ادب جا ته، پراڻا مسئلا آهن. هي سڀ گهاليهيون تاريخ بابت، هن ڪتاب جي سنڌي ڇاپي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اشاعت ۾، دير جو ڪارڻ سمجهي سگهن ٿيون.
هونئن به سنڌي زبان ۾، خاص علمي ڪتاب تمام گهٽ
منظر تي اچن ٿا؛ جنهن جو وڏي ۾ وڏو سبب نظرين
جي تنگ نظري ئي چئي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر صاحب هن
ڪتاب جو نالو "تاريخ ڪيا هے؟" رکيو هو، ليڪن
سنڌي زبان جي مزاج ۽ پڙهڪ ڪتاب جي مفهوم کي نظر
۾ رکي؛ مون ان جو عنوان "تاريخ جو سبق" تجويز
ڪيو آهي.

آريسر صاحب ڪنهن کان پڇيو ته، غلام محمد هاڻي
ڪهڙو ڪتاب ٿو تيار ڪري؟ ان کيس هن ترجمي
بابت ٻڌايو، تنهن تي پاڻ فرمايائون ته، "لاکو ان کان
وڌيڪ ڪتاب لکي سگهي ٿو، پوءِ ترجمو ڇا جي لاءِ
ٿو ڪري؟" حقيقت ۾، آريسر صاحب جي هي ذره نوازي
آهي؛ باقي هن موضوع تي لکڻ لاءِ، گهٽ ۾ گهٽ،
هڪ پهراڙيءَ جي عام انسان کي، اڃا ته گهربل ۽ مناسب
سهوليتون مهيا ڪونهن. هونئن به مون کي بزرگ اديب
محمد ابراهيم جويي جو، هي قول ذهن تي رهندو آهي
ته؛ جيسين اسين سنڌيءَ ۾ معياري اصلوڪا ڪتاب
لکڻ جا، اهل نه ٿيا آهيون، تيسين اها ڪوٽ ترجمن
جي صورت ۾ ئي، پوري ڪرڻ گهرجي.

هي ڪتاب مجموعي طور تي، تاريخ جي فن ۽
موضوع بابت آهي. جتي ان ۾ ڪي خوبيون آهن، اتي
منجهس متعدد خاميون پڻ ڏسجن ٿيون. بهرحال جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچي آدرش ۽ نصب العين کي سامهون رکي، ڊاڪٽر مبارڪ علي صاحب، هي ڪتاب ضبط تحرير ڪيو آهي، سو قابل تعريف آهي. منهنجو پسنديده موضوع "تاريخ" آهي؛ بس مون ان متعلق سنڌي زبان کي، هڪ ڪتاب ڏٺو آهي، جاهي پوءِ اهو ڪيترو به مختصر ڇو نه هجي. پسند پيو ته يم ليڪ؛ نه ڏٺهن به وه واه !!

غلام محمد لاکو

مارچ ١٩٨٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکڪ جو نوٽ

ماٺهن ۽ شاگردن ۾ تاريخ، هاڻي ڪا گهٽو پسنديده نه رهي آهي. ان جو سبب هي آهي ته، جڏهن تاريخ کي محدود دائري ۾ سوگهو ڪري، واقعن کي پنهنجي مرضيءَ موجب لکي پيش ڪجي ٿو؛ تڏهن ان جي چڪ ۽ دلچسپي پاڻمرادو ختم ٿيو وڃي. تاريخ کي ڪنهن به هڪ نظرئي ۾ قابو ڪرڻ سان، ان جي اهميت ختم ٿيڻ لازمي آهي. تاريخ به آزاديءَ جي فضا گهري ٿي، جنهن کان سواءِ ان جو تازو ۽ اپرندڙ ٻوٽو ڪومائجي ختم ٿي وڃي ٿو. هن نندڙي ڪتاب لکڻ جو رڳو هي مقصد آهي ته، تاريخ ۽ سنڌ جي اهميت جي باري ۾ ذهن کي تيار ڪجي.

آءٌ استاد محترم ڊاڪٽر احمد بشير صاحب ۽ پنهنجي دوست فريدالدين جو ٿورائتو آهيان؛ جن هن پمفليٽ تيار ڪرڻ ۾، منهنجي مدد ڪئي ۽ بحث مباحثي جي ذريعي ان کي ممڪن بنايو. پنهنجي دوست رفيق شيخ جو به شڪرگذار آهيان، جنهن ڪتاب جي اشاعت ۾ سات ڏنو. آخر ۾ سنڌي اديب ۽ پنهنجي دوست، طارق اشرف جو به ٿورائتو آهيان؛ جنهن جي ڪري هي ڪتاب نروار ٿيو.

مبارڪ علي

حيدرآباد سنڌ

مارچ ۱۹۸۲ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو سبق

تاريخ هميشه کان انساني دلچسپيءَ جو باعث بنيل آهي. ان جي ذريعي نہ رڳو انسان جي ذهن کي آسودگي ملي ٿي، پر ساڳئي وقت ماضيءَ جي ٽڙيل ڪڙيل علائقن ۽ انساني تهذيبن ۽ سماجن جو سير پڻ ٿئي ٿو.

تاريخ ۽ ماضي

انسان کي پنهنجو ماضي معلوم ڪرڻ جو هميشه کان شوق رهيو آهي. جهڙي ريت اسين پنهنجي گهراڻي جي باري ۾، معلومات حاصل ڪري خوشي محسوس ڪيون ٿا، تيئن اهڙي طرح آڳاٽن سماجن جو ايياس ۽ تهذيبن جي کهاڙي پڻ اسان لاءِ خوشيءَ جو باعث بنجي ٿي. پنهنجي خاندان جي جاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ حال کان ماضيءَ ڈي موٽڻو پوي ٿو، يعني پيءُ، ڏاڏو ۽ پڑڏاڏو ـــ ان ريت ايسين پهچڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا، جيسين اسان جي تحقيق اسان جو ساٿ ڈي. ليڪن سماجي تاريخ ۾ ماضيءَ کان حال ڈي اچجي ٿو. ان ڪري، چئبو ته انسان پنهنجي تاريخ جي اڏاوت ۾ آهي، هو ماضيءَ سان پنهنجو گهاڙيٽو قائم ڪري ٿو ۽ ان نقطي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جتان سندس تاريخ شروع ٿي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر دور جي انسان کي ماضيءَ (تاريخ) سان دلچسپي رهي آهي ۽ سندس ذهن، کيس ماضيءَ جي سونهري ۽ خوبصورت يادن جي طرف وٺي ويئي آهي. حال جي لاءِ، ماضيءَ جو تصور نهايت ئي خوبصورت، دل کي مطمئن ڪندڙ ۽ خوش ڪندڙ پي رهيو آهي. شايد ان جو سبب هي آهي ته، انسان حال جي مسئلن کان گهبرائجي، اڻڄاڻل ماضيءَ ۾ پناه وٺڻ گهري ٿو. اڻڄاڻائي ۽ اونده، هر شيءِ کي لڪائي ڇڏيو آهي، جنهن سبب ماضيءَ جون بچڑايون ۽ مسئلا انسان جي نظرن کان اوجهل آهن ۽ ماضيءَ ۾ پناه وٺڻ لاءِ انسان کي اها ئي جاهليت وري وري ڇڪائي ٿي ۽ انسان بار بار حال جي پريشانين کان گهبرائجي، ماضيءَ جو پوڄاري بنجي، قديم نظرين، روايتن ۽ نظام حيات جي زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. احياءَ جي تحريڪن (وري زنده ٿيڻ) جي ناڪاميءَ جي باوجود، انسان جي ذهن مان ماضيءَ جون خوشگوار يادون وسرن نه ٿيون. ماضيءَ ڏي واپسيءَ جو نعرو هميشه رومانوي ۽ حسين رهيو آهي. هتي هي سوال ٿو اپري ته انسان ڇو وري وري پوئتي موٽڻ ٿو چاهي؟ هو گذريل دور کي ڇو ٿو سڏڻ چاهي؟

شايد ان لاءِ ته، اجتماعي طور تي انسان کي پنهنجي ماضيءَ سان اهڙي دلچسپي ٿئي ٿي، جيئن هڪ پوڙهو انسان پنهنجي نيڍپڻ ۽ جواني‌ءَ جي سٺن يا خراب ڏينهن جي ياد ۾ وري وري گم ٿي وڃي ٿو. مجموعي طور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽي انسان جو اهو ئي حال آهي ۽ هو پنهنجي دور ۽ زماني مان مطمئن نه ٿو ٿئي. ڪڏهن هو مستقبل جي خيالي تصور ۾ پناه وٺندي مسئلن جو حل ڳولي ٿو، ته ڪڏهن وري ماضيءَ جي پناهگاهن ۾ روپوش ٿي پنهنجي عهد کي وسارڻ گهري ٿو. هر نسل پنهنجي دور مان پريشان ۽ غيرمطمئن هوندو آهي ۽ اهو ئي فڪر ۽ پريشاني کيس ماضيءَ ۾ سکون ۽ آرام ڏئي ٿو. هر ويندڙ نسل ماضيءَ جون خوشگوار يادون ورثي ۾ ڇڏي وڃي ٿو ۽ اسين وري پنهنجي دور جي اوٽاڻن کي ماضيءَ جي يادن سان پورو ڪيون ٿا ــــ پر سوال آهي ته ماضيءَ ٽي هي پروسو ۽ اعتماد معاشري لاءِ نقصان ده آهي يا فائديمند؟ گولٽي هڪ هنڌ چيو آهي ته اسين سڀ ماضيءَ جي سهاري زنده رهون ٿا ۽ ان ماضيءَ جي ڪري ئي تباه ٿيون ٿا.

خاص ڪري اهي سماج جيڪي تباهيءَ جي ڪنڊيءَ ٽي هجن، انهن جو ماضيءَ سان تعلق تمام گهٽو وڌي وڃي ٿو. اهي پنهنجي زوال، پسماندگي ۽ غربت کي ماضيءَ جي شان ۽ عظمت ذريعي وسارڻ گهرن ٿا. اهڙي سماج ۾ ماضيءَ جي عظمت جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي. اهي سماج ماضيءَ جي يادن ۾ اهڙو ته گم ٿين ٿا، جو ڪائنڊ حال جا مسئلا ۽ مستقبل جو ڊپ به وسري وڃي ٿو. هي اهڙو زهر آهي جو ذهن ۽ دماغ کي بلڪل چٽ ڪري ۽ ان جي تنقيدي ۽ تجزياتي فڪر کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ختم ڪري، ڪين وڌيڪ اونهي ڪڍ ۾ وڃي ٿو.

انسان کي ماضيءَ جي شان ۽ شوڪت ۾ منجهائڻ جي ذميداري تاريخدانن تي به اچي ٿي، جيڪي ماضيءَ جي دولت، طاقت ۽ وڏائيءَ کي وڏائي پيش ڪن ٿا. مثال طور جڏهن اسين مغل بادشاهن جي زندگي، سندن دربار، دولت جي جهجهائي، شهرن جي گهماگهمي، تجارتي سرگرميون، موسيقي ۽ راڳ رنگ جون محفلون، لباس ۽ طعام جو تفصيل ٻوڙي زندگيءَ جو آرام ٻوڙي راحت ۽ هي اهڙا واقعا آهن، جيڪي انسان جي ذهن کي مرعوب ڪري ڇڏين ٿا.

تاريخدان، اهو لکندي تاريخ جو صرف هڪ رخ پيش ڪري ٿو. هو هڪڙن جي غربت ۽ ماڻهن جي سڃائيءَ کان اکيون ٻوٽيندي، ڏڪار ۽ بک جهڙن اکرن کان تاريخ جي صفحن کي آجو ڪري ٿو. ان ڪري انسان جي تاريخ ۾ مغليه دور، وڏائي ۽ عظمت ٻوڙي خوشحاليءَ جي علامت آهي ۽ اسين هي سمجهون ٿا ته، هندستان معاشي ۽ سماجي لحاظ کان هُن دور ۾ جنهن اوج تي هو، اڄ اسين اتي نه آهيون.

ماضيءَ جي باري ۾ انسان جي هي اڌوري ۽ هڪ طرفي ڄاڻ آهي، جيڪا لاڳيتو انسان کي ان جي عظمت ياد ڏياريندي رهي ٿي ۽ انسان کي پنهنجي دور کان متفڪر ڪندي رهي ٿي ته، انسان جو ماضي انسان جي حال کان زياده شاندار ۽ خوشين ڀريو هو. هي تصور رڳو ان ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ٿيو جو، ماضيءَ جي باري ۾ اسان جي معلومات پوري ۽ مڪمل نه آهي. اسين ماضيءَ جا آثار ڏسي، زمين ۾ دفن ٿيل آڪاڻين شين کي کوليو، جهونين آبادين جي عظيم کنڊرن کي ڏسي؛ هي سوچيون ٿا ته شايد ماضيءَ جو انسان اسان کان به سٺي زندگي گذاريندو هو. پر حقيقت ۾ ائين آهي؟ جواب ۾ رڳو ايترو چئبو ته، تاريخ ان ڏس ۾ ڪوبه مثبت جواب ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي آهي. اسان وٽ کي اهڙا دليل ۽ شاهديون ڪونهن، جن جي بنياد تي، اسين هي آخري فيصلو ڪري سگهون ته؛ ماضيءَ جو انسان اسان کان وڌيڪ مطمئن ۽ خوشقسمت هو.

جيتوڻيڪ اسان تاريخ جي گم ٿيل ڪڙين کي هڪٻئي سان ملائي ورتو آهي، ڪيترا خال تحقيق جي ذريعي پري ورتا آهن؛ ڪيئي انساني تهذيبن کي کوليو هٿ ڪيو آهي، پر ان جي باوجود به ماضيءَ جي باري ۾ اسان جي ڄاڻ اڌوري آهي. اسان کي اهو به معلوم ڪونهي ته ڪيترن زمين‌دوز ٿيل آثارن جي ڄاڻ کان پري آهن ۽ ڪيترا نشان زماني جي هٿان تباه ۽ برباد ٿي چڪا آهن؛ جن تائين پهچ هاڻي ناممڪن آهي. ان ڪري اسين هي چئي سگهون ٿا ته، ماضيءَ جو هي سرمايو؛ جنهن جي آڌار تي اسان جي ماضيءَ جي ڄاڻ جو پروسو آهي، سو بلڪل ٿورو ۽ گهٽ آهي. ان ڪري اهو اسان کي ماضيءَ جي باري ۾ پوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڻ ڏيڻ کان قاصر آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان جي تاريخي معلومات ۽ مفروضا ـــ نون آثارن جي دريافت ۽ نيٽ نون مسودن (اڻ ڇپيل ڪتاب) جي اشاعت ڪري بدلجندا رهن ٿا. انسان جي جديد دور جي پرپور وسيلن جي باوجود به، انساني تاريخ اڻ پوري آهي. ان جي اڌاوت ۽ ترتيب اڃا جاري، ۽ خاطريءَ سان نه ٿو چئي سگهجي ته، اها مڪمل (Perfect) به ٿيندي يا نه!

اهو صحيح آهي ته ماضيءَ انسان جي تاريخي تسلسل کي برقرار رکيو آهي ۽ ماضيءَ جون يادداشتون، آثار ۽ عمارتون، نوادرات ۽ عجائبات توڙي نظريا ۽ فڪر، تمدن جي ڳانڍاپي لاءِ ضروري آهن. ان ڪري ئي انسان تاريخي عمارتن کي محفوظ رکي ۽ نوادرات کي عجائب گهرن ۾ سينگاري ٿو، جو ته ان ذريعي انساني تمدن جي ترقيءَ جو اندازو ٿي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي ته، جنهن قوم جي تاريخ گم آهي، سا ٻاڙ کي بي سهاري ۽ اڪيلو سمجهي ٿي. هر قوم جي ڪوشش هوندي آهي ته اها ماضيءَ ۾ پوئتي کان پوئتي وينديءَ پنهنجون ٻاڙون تلاش ڪري. قديم ترين تاريخ، قوم لاءِ فخر جو باعث بنجي ٿي. ماضيءَ کان ڪٽيل انسان کي، جاهل ٿي سڏبو. جيئن ته هر علم جي پنهنجي تاريخ آهي ـــ طب، حياتيات ۽ ڪيميا وغيره؛ ان ڪري انسان لاءِ ماضي ضروري آهي ۽ اهو تاريخ جو ئي ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيڪا ان ماضيءَ کي محفوظ رکي ٿي. ليڪن هي ماضي — سچو، حقيقي ۽ وڏاءَ کان پاڪ هجڻ گهرجي ٿو، جيئن اسين پنهنجي صحيح تصوير ڏسي سگهون ۽ ان جي روشنيءَ ۾، پنهنجي منزل کي صحيح طرف وڌي اچون.

تاريخي واقعا

اسان جو تاريخي مواد، پنهنجي کٽ وزندار هجڻ جي شڪايت ڪندي ڏسجي ٿو؛ پر ٿو ته ان ۾ ماضيءَ ۾ ٿيل هر واقعو محفوظ ڪونهي. واقعا ڪهڙا اهم ۽ تاريخي آهن، اهو تاريخدان جي مرضيءَ تي مدار رکي ٿو. اسين تاريخ ۾ اهڙا واقعا پڙهڻ جا عادي آهيون، جيڪي سنسني‌خيز ۽ ڊرامائي هجن. انهن ۾ خونريز جنگيون، شجاعت ۽ بهادريءَ جا ڪارنامل، ڏوهه، ايذاءَ ۽ عياشي وغيره اچي وڃن ٿا. ڏنو ويو آهي ته جنگين، ڏڪار ۽ سنسني‌خيز واقعن کي تاريخ ساز چئي، انهن جي اهميت کي وڌ کان وڌ چٽو ڪيو ويندو آهي. اهو صحيح آهي ته جنگيون، انقلاب، سازشون ۽ بغاوتون جيڪو اثر پيدا ڪن ٿيون؛ انهن کي هر شخص محسوس ڪندو آهي ۽ ظاهر ۾ ائين ٿو محسوس ٿئي ته، اهي واقعا تاريخ ساز ۽ تاريخ جي وهڪري کي موڙڻ وارا آهن. اهو ئي سبب آهي جو عام طور تاريخدان اهڙن واقعن ۽ حقيقتن کان اکيون بند ڪري ڇڏي ٿو يا انهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهميت کي گهٽائي پيش ڪري ٿو، جن ذهني طور تي سماج کي مات ميٺ ۾ متاثر ڪيو ۽ خاموشيءَ سان معاشري ۽ تهذيب يا تمدن ۾ قيرڦار آندي. اسين نظرين، فڪر ۽ خيالن جي خاموش وهڪري کي، جيڪو سمنڊ جي تهہ ۾ اندران ئي اندران وهي ٿو، نظرانداز ڪري صرف طوفانن جي قيامت خيز تباهيءَ کي ڏسون ٿا.

هي سوال خاطريءَ سان اهميت وارو آهي تہ، ڪهڙا واقعا تاريخي ٿين ٿا؟ يڪ سان ان واقعي جي اهميت ٿئي ٿي، جنهن جو معاشري تي سياسي، سماجي ۽ معاشي اثر پوي ٿو. مثال طور شاهجهان (مغل بادشاه) بيمار ٿيو ۽ بيماريءَ سبب جهروڪي کان درشن لاءِ نہ اچي سگهيو تہ، ان بيماريءَ جي اهميت آهي ورنہ تہ، نہ ــــ ڇو تہ پي صورت ۾ بيماري هڪ فطري عمل آهي، جيڪا بغير ڪنهن تاريخي نتيجي جي هزارن انسانن کي ٿيندي رهي ٿي(١).

تاريخ ۾ حادثاتي واقعن جي بہ اهميت رهي آهي، جن جي ڪري ئي تاريخ ۾ تبديلي ايندي رهي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هي تبديليون تاريخ ساز ۽ انقلابي ٿين ٿيون ۽ تاريخ جي وهڪري ۾ حيرتناڪ حد تائين تبديليون آڻيو ڪين. مثال طور پائيپٽ واري ويڙهہ ۾ هيموءَ جي فتح ٿيڻ واري هئي تہ، اوچتو سنڌس اک

(1) William, H.Dray: "Philosophy of History", Englewood Cliffs P. 4. N.J. 1964.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٿيڻ لڳو ۽ فتح اڪبر کي حاصل ٿي. پائيپٽ جي هن فتح، مغل سلطنت جي استحڪام جو ٻيون ٻيرو بنياد وڌو يا وري واٽرلو جي جنگ ۾، نيپولين کي پيٽ ۾ سور ٿيو ۽ ڪيس ناڪامي ٿي. ان قسم جا واقعا تاريخ جي صفحن تي ٽڙيا پکڙيا پيا آهن ۽ جيڪڏهن مؤرخ انهن حادثن جو سبب معلوم ڪري ته، وٽس ان جو ڪوبه ٺوس جواب ڪونهي. هي حادثا هڪ شخص سان ڇو پيش آيا؟ ٻيو انهن کان ڇو محفوظ رهيو؟ مذهبي نقطۂ نگاه کان هي سڀ قدرت جي پاران آهي ۽ انساني عقل جي سمجهه کان هي گهاڻهه مٿي آهي ته، هن رازن جي ته تائين پهچي سگهي. فڪر، عقل ۽ دليل ذريعي، اسين پاڻ کي مجبور ٿا ڏسون ته، انهن حادثن جو تعبير ڪري سگهون. ان ڪري اسين ان نتيجي تي پهتا آهيون ته، تاريخ ۾ بن قسمن جون تبديليون اچن ٿيون:

(۱) حادثاتي.

(۲) ارتقائي.

حادثاتي تبديليون وقتي ۽ معمولي به ٿين ٿيون ۽ تاريخ ساز به. ان جي مقابلي ۾ ارتقائي قيرڦار کي مؤرخ چگيز طرح ۽ سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، ڇو ته ان جي پس منظر ۾ معاشي، سياسي ۽ معاشرتي عمل ڪم ڪندو رهي ٿو. فرانسيسي ۽ روسي يا وري ۱۸۵۷ع وارو انقلاب اوچتو ظاهر نه ٿيو، بلڪ انهن جي پس منظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو هو، اهو آخرڪار انقلاب جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. ۱۸۵۷ع واري انقلاب ۾ جيڪي سبب ڪم ڪري رهيا هئا، اهي آخرڪار ڪارتوسن جي شڪل ۾ پنهنجي اوج کي پهتا. وڏن وڏن انقلابن جو سبب ظاهر ۾ معمولي ۽ حادثاتي گهاڙهيون ٿين ٿيون، پر جيئن قابل اجميريءَ چيو آهي-

وقت کرتا ہے پرورش برسوں
حادثہ ایک دم نہیں ہوتا۔

حادثاتي تبديلين کي ڏسڻ لاءِ ضروري آهي ته، ان جي پس منظر ۾ ڪم ڪندڙ عملن کي ڏسجي ۽ ان حقيقت تائين پهچڻ گهرجي ته ڇو هي حادثا رونما ٿيا، تڏهن ڏي وڃي انهن جي صحيح اهميت اجاگر ٿيندي.

تاريخ ڇا آهي؟

تاريخ جي هر شاگرد وٽ، هي سوال انتهائي اهميت رکي ٿو ته تاريخ ڇا آهي؟ هيگل وٽ انساني تاريخ عقل ۽ شعور جي تاريخ آهي ۽ وٽس سواءِ انساني تاريخ جي، بي ڪا تاريخ ڪانهي. تاريخ ۾ عقل سنڊس عمل کي تيز ڪري ٿو ۽ جيڪو ڪجهه تاريخ ۾ آهي، اهو انسان جي ارادي (Will) ۽ ارادي جي ڪري آهي. انسان جو هي ارادو سنڊس خيال جو خارجي اظهار آهي، جنهن جي نتيجي ۾ عمل پيدا ٿئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کري سموري انساني تاريخ، فخر ۽ عقل جي تاريخ، انساني عمل جي تاريخ آهي. ان کري تاريخ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته، صرف هي نه ڏسو وڃي ته ماڻهن ڇا ڪيو؟ بلڪ هي ته انهن ڇا سوچيو؟(١).

هڪ زماني تائين تاريخ کي صرف ماضيءَ جي سياست سمجهيو ويندو هو. سر جان سيلي (Sir John Seely)، ان جي تعريف ڪندي، تاريخ کي ماضيءَ جي سياست (Past Politics) سڏيو هو. هيگل وٽ به تاريخ ۾ سياست اهو اهم پهلو آهي، جنهن جي چوڌاري جيوت ۽ گذرمعاش چڪر لڳائين ٿا. مگر هاڻي تاريخ سياست کان نڪري معاشيات، عمرانيات، ثقافت، فن، آرٽ، بلڪ فني ۽ سائنسي عملن تائين پهچي وئي آهي. ڪارل مارڪس تاريخ جي نظرئي ۾ هڪ انقلابي تصور پيش ڪيو ۽ ٻڌايو ته تاريخ ۾ سياست مرڪزي نقطو ڪونهي، بلڪ هي گذرمعاش جو مرڪزي محور آهي. معاشي، سياسي، مذهبي ۽ فني تاريخون ـــ هڪٻئي جي متوازن نه ٿيون هلن، پر هي معاشيات جي اثر هيٺ نهن ۽ وهن ٿيون.

تاريخ جي هيئت مان ڏسجي ته، هي ٻن عنصرن مان نهيل آهي—

(١) ماضيءَ جو ورثو.

(1) R.G. Colingwood: "The Idea of History", PPIIS-16 Reprint Oxford 1969.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) حال جي تخيل جي قوت، جيڪا ماضيءَ جي تعمير ڪري ٿي.

انسان تاريخ ۾ ڪابه تبديلي نه ٿو ڪري سگهي، ڇو ته جيڪي واقعا ٿي چڪا آهن، انهن ۾ هاڻي ڪابه ڦيرڦار نه ٿي ڪري سگهجي؛ سواءِ ان جي ته مؤرخ ڪوڙ ۽ غلط بيانيءَ کان ڪم وٺي؛ انهن کي بدلائڻي ڇڏي. هڪ زماني تائين محدود سياسي تاريخ جي تصور سبب، تاريخ جي باري ۾ ڪافي غلط فهميون عام رهيون. انهن مان والٽيئر جو چوڻ ته، "تاريخ حماقتن ۽ ڏوهن جو عرق آهي". والٽيئر هي ڳالهه ڏڻهن ڇڏي ڏڻهن بادشاهن ۽ اميرن جي هٿي ۽ ان ۾ رڳو جنگين، سازشن ۽ عيلشين جو تفصيل هوندو هو. پر اڄ ڏڻهن تاريخ پنهنجو دائرو وسيع ڪيو آهي، ۽ ان ۾ مفڪرن، فيلسوفن ۽ سائنسدانن جو فڪر، نظريو ۽ تخيل به شامل ٿي چڪو آهي؛ ڏڻهن تاريخ ۾ عقل ۽ ڏاهپ جو به واڌارو ٿيو آهي، جيڪو ٿي تاريخ جو روشن پهلو آهي ۽ اسان لاءِ اهو ئي وڌيڪ دلڪش ۽ ڪشش ڪندڙ آهي.

تاريخ جو فلسفو

صرف تاريخ جي واقعن بيان ڪرڻ سان تاريخي معلومات ۾ ته، اضافو ٿي سگهي ٿو، ليڪن جيسين انهن واقعن جي پس منظر ۾ عمل پيرا محرڪات جو جائزو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ٿو ورتو وڃي: تيسين ذهني ۽ فڪري ارتقا جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. ان ڪري جڏهن تاريخدانن، تاريخي واقعا لکڻ شروع ڪيا، تہ وضاحت ۽ تشريح سان گڏوگڏ مختلف نظرين هيٺ؛ واقعاتي تجزيو ۽ شروع ڪيو، مثال طور—

(۱) غيرت جو احساس پيدا ڪرڻ.
(۲) انسان جي ڪاميابي ۽ ترقيءَ جو تصور.
(۳) تهذيبن ۽ قومن جي عروج ۽ زوال جو ذڪر.
(۴) ربي رڻا ۽ خدائي مرضيءَ جو ذڪر.
(۵) تقدير ۽ حالتن جي طاقت ۽ قوت؛ جيڪا انسان کي مجبور بنايو ويٺي آهي.
(۶) فردن جي عظمت، جيڪا سماجي اڏاوت ۽ زوال لاءِ ذميدار آهي.
(۷) بُري (شر) ۽ ڀلي (خير) جي ڇڪتاڻ وغيره.

تاريخ جي فلسفي جو تصور سڀ کان اول والٽيئر ڏنو. سندس مقصد هو تہ مؤرخ صرف واقعن کي بيان بجاءِ، انهن تي غور ۽ فڪر ۽ ڪري ۽ گڏوگڏ تجزيو ڪندي ان مان ڪو نتيجو ۽ ڪڍي. بعد ۾ هيگل فلسفہ تاريخ کي آفاقي ۽ عالمي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو. اوڻيهين صديءَ ۾ ٿيوٽيت پسندن (Positivists) تاريخ کي هڪ نئون موڙ ڏنو، جنهن موجب واقعن جي تهہ ۾، ڪي نہ ڪي قانون ڪم ڪري رهيا آهن ۽ تاريخ جو ڪم هي آهي تہ انهن قانونن کي ڳولي لهي. والٽيئر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيگل ۽ ٿيوٽيت پسندن جي تاريخ جي فلسفي ۾ هي فرق آهي ته ٿيوٽيت پسند تاريخ کي نه صرف فلسفو ۽ تجرباتي سائنس به سمجهن ٿا. والٽيئر تاريخ جي ذريعي آزادي ۽ فڪر جو اپيلاس ڪرڻ گهري ٿو. هيگل ان ذريعي سڄي دنيا تاريخ ۾، غور ۽ فڪر جون راهون ڳولڻ گهري ٿو. جڏهن ته ٿيوٽيت پسند، تاريخ ۾ هڪجهڙا قانون (Uniform Laws) ڳولي ٿو(۱).

تاريخ جي فلسفي هيٺ، اهو به بحث هليو آهي ته ان جو رستو ڪيڏو آهي؟ ڇا اهو گهمري (Cycle) ۾ چڪر هلندي رهي ٿي يا نانگ ور (Spiyal) جيان، مٿي وڃي ٿي يا سڌي ليڪ وانگر هڪ رخ ۾ هلي وڃي ٿي يا مورڳو ان جو ڪو رستو مقرر ڪونهي؛ ڪوبه زاويه (ڪنڊ) ڪونهي جنهن تي ان جو هلڻ مقرر هجي، بلڪ هي سواءِ ڪنهن پابندي ۽ ضابطي، ترتيب ۽ قاعدي جي بغير ڪنهن رٿا ۽ سواءِ ڪنهن سلسلي جي هلندي رهي ٿي.

سڀ کان اول روايتي فلسفين، تاريخ جي دوري جو نظريو پيش ڪيو هو. انسان جي پيدائش، جواني، پوڙهپڻ ۽ موت مان هي نتيجو ڪڍيو ويو ته: فطرت به ان ريت هڪ دور پورو ڪري ٿي ۽ جڏهن هڪ چڪر پورو ٿئي ٿو: تڏهن نئين سري سان ٻيو دور ۽ ان جي گردش شروع ٿي وڃي ٿي. قومن، تمدن ۽ سلطنتن هن

(1) Reference (2), P-I

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرئي هيٺ بادشاهتن، ڏهڏيين ۽ عومن جي تاريخ جو اپيماس ڪيو ويو. وري سجاگيءَ واري تحريڪ (Renaissance) جي زماني ۾ ميڪاولي به هن نظرئي کي ڏيڪ ڏني ۽ چيو ته انساني تاريخ دورن (Cycles) تحت گردش ڪري ٿي. ارڙهين صدي‌ءَ ۾ هي نظريو ڪمزور ٿيو، پوءِ ته ان ۾ اميد جو عنصر گهٽ هو ۽ ان ذريعي ترقيءَ جي خيال کي نقصان ٿي پهتو. ليڪن وڪي (وڪو) هن نظرئي کي وري زنده ڪيو ته، تاريخ جي گردش ڄڻ چڪرن ۾ ختم ٿيندي آهي — جڏهن هڪ پورو ٿئي ٿو، تڏهن ڪنهن ٻئي کان ٻيون دوزو (چڪر) شروع ٿئي ٿو ۽ تمدن جي پڇاڙيءَ تي، تمدن ڪنهن ٻئي سماج ۾ پيدا ٿئي ٿو.

تاريخ جي دوري جي نظرئي هن خيال کي جنم ڏنو ته، "تاريخ پاڻ کي ورجائي ٿي". هيگل هن نظرئي جي مخالفت ڪئي ۽ چيو ته، تاريخ ڪڏهن به پاڻ کي نه ٿي ورجائي ۽ هي نه وري ڪنهن دوري ۾ چڪر هڻي ٿي؛ بلڪ هي مخروطي شڪل ۾ مٿي جي طرف وڃي ٿي. اگرچه محسوس ائين ٿو ٿئي ته، واقعا وري-وري پيا ڏهرائجن، ليڪن هميشه انهن جا نتيجا مختلف ٿين ٿا. مثال طور جنگيون ٿيندڙيون رهنديون آهن، مگر هر جنگ جا نتيجا مختلف نڪرندا آهن(۱).

---

(1) Reference (2) PP. 114-115.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو اپياس دراصل نظرين جو مطالعو آهي. تاريخ ۾ نظريا ڪڏهن به هڪجهڙا نه ٿا ٿين. هر نظريو پنهنجي جاءِ تي، هڪ ايجاد وانگر ٿئي ٿو، جيڪو دنيا جي تمدن ۾ واڌارو ڪري ٿو. تاريخ پاڻ کي ڪڏهن به نه ٿي ڏهرائي، ڇو ته هر تاريخي واقعي جي پس منظر ۾، الڳ نظريو هوندو آهي، جيڪو ٻين کان قطعي مختلف هوندو آهي(١).

تبديلي ۽ قيرقار جو نالو تاريخ آهي. ان جو هر واقعو پنهنجي طور تي جدا انفراديت رکي ٿو، ان ڪري هو پاڻ کي ڪنهن ٻئي واقعي جي صورت ۾ نه ٿو ورجائي. تهذيبون الڳ الڳ وڌن ويجهن ٿيون، انهن جو هڪٻئي سان ڪو لاڳاپو ڪونهي. ڪيتريون تهذيبون ترقي نه ڪري سگهيون ۽ هڪ جڳهه تي ٻڌي ويون. ڪن کي فاتح قومن مٽائي ڇڏيو. ڪجهه فطرت هٿان برباد ٿي ويون. ان ڪري تهذيبن جو هڪٻئي سان ڪوبه تعلق ڪونهي ۽ اهي زنجير وانگر هڪٻئي سان جڪڙيل ڪونهن. هر تهذيب جو پنهنجو الڳ روح ۽ جسم آهي. ان ڪري سطحي هڪجهڙائيءَ مان هي نتيجو نه وٺڻ گهرجي ته: ڪو هڪڙو ٽي قانون آهي، جيڪو تاريخ کي هڪ رستي تي وٺي وڃي رهيو آهي. مثال طور عيسائي بربريت جو دور، هومر

(1) Ludwig Von Mieses: "Theoryand History" P. 225 London 1958.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ظلمن کان قطعي جدا آهي. تاريخ هميشه نواڻ پيدا ڪري ٿي، ان ۾ يڪسانيت ڪانهي ۽ ان ڪري ئي ته هي (تاريخ) هر زماني ۾ ڪشش پيدا ڪندڙ ۽ دلچسپ پي رهي آهي. فلپ گيوڊلا (Philip Guedalla) چيو آهي ته، "تاريخ پنهنجو پاڻ کي نه ٿي ورجائي، بلڪ اهي مؤرخ آهن جيڪي هڪ ئي کي ڏهرائيندا رهن ٿا". يا وري مشهور فلسوف سنتيانا (Santayana) وٽ ـــ جن کي پنهنجي تاريخ ڪانهي، انهن جو مقدر آهي ته اهي تاريخ کي ڏهرائيندا رهن.

انساني فطرت کي تبديليءَ جي قابل نه سمجهيو ويو، ان ڪري، "تاريخ جي ورجاءَ" جي غلط فهمي پيدا ٿي. اگر انساني فطرت هڪجهڙي هئي، هڪجهڙي آهي ۽ رهندي، ته ان صورت ۾ هڪجهڙن واقعن ۽ حالتن ۾ ان جو ردعمل به هڪجهڙو هوندو؛ چاهي ڪوبه زمانو هجي، ڪوئي عهد هجي ۽ ڪوئي دور هجي. هن بابت پليخانوف وڏي فڪرانگيز ڳالهه چئي ٿو ـــ اگر انساني فطرت مستقبل شيءِ آهي، ته اها تاريخ جي انتهائي مڃجندڙ رفتار جي تشريح نه ٿي ڪري سگهي؛ ليڪن انساني فطرت جيڪڏهن تبديل ٿيندڙ ۽ تبديل ٿيڻ واري آهي ته، ان جي پنهنجي هي تبديلي تاريخي ترقيءَ ذريعي مقرر ٿئي ٿي(١).

---

(١) پليانوف ـ "تاريخ ميں فرد کا کردار" ص ١٥، ماسڪو ١٩٥٧ء.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ ۾ ڪنهن هڪ نموني (Peffern) يا منصوبي جي ڳولا، جدا جدا نقطن کان ڪئي پئي وئي آهي. شروع ۾ مولوين هن نظريي کي پٽيرائي ڏني ته، دنيا جي تاريخ خدا جي رٿا جو پورائو ڪري رهي آهي. هنن جو مقصد هي هو ته، تاريخ لاءِ هڪ سمجهڻ جوڳو تعبير پيش ڪجي، جو انسانيت جي ابتدا تان پردو ڀ ڪڍي، ۽ ان جو مقصد ۽ نصب‌العين مقرر ڪري. هن نظريي هن گالهه تي زور ڏنو ته، انساني عمل ڪنهن مافوق‌الفطرت (خدائي) ذريعي عمل ۾ آندو وڃي ٿو ۽ انسان صرف انهن جي خواهشن جي پورائي ۾ رڌل آهي. تاريخ ۾ جو ڪجهه ٿيو يا ٿيندو، اهو انسان جي مرضي موجب نه، بلڪ ربي رضا موجب آهي. ڪولنگ وڊ هن نظريي تي تنقيد ڪندي چوي ٿو ته، جن ماڻهن تاريخ ۾ خدا جي رٿا کي ڳوليو، انهن پنهنجي پوري تحقيق هن گالهه تي وڃائي ڇڏي ته: تاريخ ڪهڙي ريت خدا جي منصوبي تي هلي ٿي. هي نظريو پيش ڪري، مولوين انساني جدوجهد کي، غير اهم سمجهي ڇڏي ڏنو. هن ڪري مؤرخ، پنهنجي فرض کان گهٽو ڀري ٿي ويو(١).

اهڙي ريت جڏهن مذهبي نقطه نگاه کان، تاريخ کي ڏنو ويو ته، ان ۾ ٻُري ۽ ٻلي توڙي نيڪي ۽ بديءَ

(1) Colling Wood, P. 55.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ٽڪر نظر آيو. سائنسي نظرئي موجب، انسان ۾ فطرت ۾ تصادم جو ٻيو نالو تاريخ آهي. مارڪس هنن ٻنهي نقطن کان هٿي ڪري، تاريخ ۾ هن ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءَ کي، طبقاتي ڇڪتاڻ جو نالو ڏنو. مارڪس جي مادي يا معاشي نظريه تاريخ موجب — مذهب، خاندان، رياست، قانون، اخلاق، سائنس ۽ آرٽ: حقيقت ۾ پيداوار جي ذريعن جا مختلف پهلو آهن. وٽس، پيداواري قوتن جي ذريعي، تاريخي مقابلا ٿيندي رهي. مارڪس موجب، جڏهن انساني تاريخ جو تعبير ڪيو وڃي ٿو؛ تڏهن هي ٻن طبقن ۾ تصادم جو هڪ نه ڪنڊ سلسلو نظر اچي ٿو. مثال طور شروع ۾ ۾ طبقا وجود ۾ آيا — هڪڙا چور (جانور چورائيندڙ) ۽ ٻيا هاري. بعد ۾ مزدور ۽ هاري. پوءِ محنت ڪندڙن جا ٻه طبقا وجود ۾ آيا — جسماني پورهيو ڪندڙ ۽ ذهني ڪم ڪندڙ. اڳتي هلي ذهني محنت، صاحب اقتدار طبقي جي ملڪيت بنجي وئي، جن پيداوار جي ذريعن تي قبضو ڪيو. رياست، انتظاميه، مذهب، سائنس، آرٽ ۽ فلسفو — سڀڪجهه سمٿجي اقليت جي ملڪيت بنجي ويو. جڏهن ته جسماني محنت ڪندڙ اڪثريت ۾ رهيا. لحاظا اسين تاريخ جي مختلف دورن (Periods) جو اڀياس، هنن ٻن طبقن جي ٽڪر جي روشنيءَ ۾ ڪري سگهون ٿا. مالڪ ۽ غلام، زميندار ۽ هاري، توڙي سرمائيدار ۽ پورهيت — جن مان ٻهريون طبقو هميشه پيداوار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعن تي قابض رهيو ۽ ٻيو ان جو محتاج. هن طبقاتي ورڇ سبب، معاشري ۾ هميشہ ٽڪراءُ رهيو. ڪڏهن ٿي هي طبقاتي جنگ اوچتو ڪنهن شعور کان سواءِ شروع ٿي ۽ ڪڏهن وري شعور تحت مظلوم طبقي جدوجهد ڪئي.

اقتدار وارن پنهنجي سهوليت ۽ خانگي (ذاتي) ملڪيت جي بچاءَ لاءِ رياست جي اداري کي تخليق ڪيو. گڏوگڏ هيئيان ادارا، قانون، انتظاميہ، عدايہ ۽ فوج وجود ۾ آئي جي هن طبقي جي حفاظت جو ڪم ڪن ٿا. ان ريت رياست، معاشي طور طاقتور قبيلي لاءِ، هڪ سياسي اداري جي حيثيت ۾ ايري ۽ ائين اسان جي تاريخ، جيئن مارڪس ۽ اينجلز چون ٿا. طبقاتي جنگ ۽ ڇڪتاڻ جي تاريخ آهي، جنهن جي پڇاڻي انقلاب تي ٿئي ٿي، جيڪو يا تہ سماج کي نئين سر ٺاهي ٿو يا وري ان جي نتيجي ۾ ٻئي طبقا تباہ ٿي وڃن ٿا (۱).

لارڊ ايڪٽن وري پنهنجي نموني ٿي، هن ٻن طبقن جي ڇڪتاڻ کي بيان ڪيو آهي. سندس رايو آهي تہ طاقتور وڌيڪ طاقت لاءِ ۽ غريب پنهنجي روزيءَ لاءِ جدوجهد ڪن ٿا. نتيجي ۾ آزادي، علم ادب، فن ۽ آرٽ کي گهٽو ڏيان نہ ٿو ملي ۽ انساني ڏاهپ ۽ محنت، هن جنگ ۽ ڇڪتاڻ ۾ ختم ٿي وڃن ٿا.

---

(1) Marx and Angles: "Manifesto of the Communist party", P.40, Moscow 1966.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ ۾ جيترو به ڪنهن هڪ نمونو (Pattern) يا رٿا (Scheme) ڪي گهوليٽ جون ڪوششون ٿيون، اهي ڪجهه وقت لاءِ ٺيڪ آهن؛ ليڪن اسين ان کي پوري انساني تاريخ تي لاگو نه ٿا ڪري سگهون. انساني تاريخ ۾ ايترو فرق آهي يا اها ايترو ته وسيع ۽ وزندار آهي، جو ان ۾ ڪابه هڪ رٿا ڪم ڪندي نه ٿي ڏسجي ۽ نه وري اسين تاريخي عمل ۾ ڪو هڪ قانون گهولي لهنداسين، جيڪو پوري عالمي تاريخ سان لاگو ڪري سگهجي. ان ڪري هي سوال اهميت اختيار ڪري ٿو ته، ڇا انسان شعور سان گڏ تاريخ جي تعمير ڪري ٿو؟ ۽ ان ۾ اسان جو ڪو دخل ڪونهي. اسين تاريخي عمل جو هڪ هٿيار ٿيون ٿا ۽ واقعات پاڻمرادو جنم ونڊندا رهن ٿا. مشهور جرمن چانسيلر جيڪو پاڻ به هڪ تاريخ ساز شخصيت هو تنهن "رضا تي راضي رهڻ" جي خيال کي هن ريت بيان ڪيو آهي—

"اسين سڀ گڏجي دنيا جو مقابلو ڪري سگهون ٿا. اسين تاريخ نه ٿا ٺاهي سگهون، جڏهن تاريخ ٺهي رهي هجي، تڏهن اسان کي انتظار ڪرڻ گهرجي. اسين ڪنهن ميوي کي ڏيئي جي روشنيءَ ذريعي ڪڙو نه ٿا پڇائي سگهون ۽ جيڪڏهن ان کي اسين پڇڻ کان پهرين پڪيندا سين ته، ان جي پڇي راس ٿيڻ ۾ رندڪ پوي ٿي ۽ ان کي بيڪار ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪجهه نه ٿا ڪري سگهون."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرد ۽ عوام

تاريخ پڙهندي انسان جي ذهن ۾ هي سوال ٻه هر هر ايري ٿو ته، آخر انسان جو مقصد ڇا آهي؟ ۽ اهي کيڙا پهلو، طريقا ۽ رستا آهن؛ جن ذريعي هو پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۽ کوشش ٿو ڪري؟ انسان انهن ذريعن کي پاڻ ٿو اختيار ڪري يا ان کي مجبور ڪيو ٿو وڃي ته انهن کي قبول ڪري. هن بحث ۾، تاريخ ۾ فرد جي عظمت جو نظريو پيدا ٿيو. فطرت کنهن هڪ شخص کي مافوق‌الفطرت طاقت ڏئي ٿي، ته جيئن هو ان مقصد لاءِ کوشش ڪري. ان جدوجهد ۾ هو عوام جي اڪثريت کي پاڻ سان وٺي هلي ٿو. هو قانون ۽ اخلاق کان مٿانهو آهي ۽ جيڪو ڪجهه ڪري ٿو سو صحيح آهي. تاريخ ۾ جو ڪجهه پيش اچي ٿو، اهو انهن شخصيتن جي عمل جو نتيجو آهي، ان ڪري تاريخ انهن عظيم انسانن جي سوانح حيات کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي. گوئٽي تاريخ ۾، صرف شخصيتن جي اهميت جو قائل هو. پيغمبرن، مذهبي اڳواڻن، شاعرن، خطيبن ۽ فنڪارن ۾ زندگيءَ جي لهر ڊوڙي ٿي. باقي، تاريخ سواءِ بيوقوفن جي ٻيو ڪجهه ڪونهي(١).

---

(1) Karl Victor: "Goethe-The Thinkey", P. 121, Harvard 1950

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ ۾ فردن جي زندگي ۽ سندن ڪارنامن جي اپياس بعد اسين ان نتيجي تي پهچون ٿا تہ، اهي ماڻهو پڪ سان تاريخ ساز ٿين ٿا. انهن جي عمل ذريعي تاريخ جو وهڪرو تيز ٿئي ٿو، ليڪن اهو پڪ سان نہ ٿو چئي سگهجي تہ، هي فرد تاريخ جي منزل مقرر ڪن ٿا: ڇو تہ تاريخ جو هر واقعو گذريل واقعن ۽ ارتقا جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندو آهي. ۽ اهي ماڻهو جي تاريخ جي تعمير ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪن ٿا، صرف هڪ ذريعو هوندا آهن، ان کان سواءِ وڌيڪ ڪجهہ بہ ڏ!! حالات ۽ واقعات جو وهڪرو ايترو تہ تيز هوندو آهي، جو ان ذريعي تبديلي ٿيندي رهي ٿي. فرد هن تبديليءَ ۾ هٿ وندائين ٿا. پليخانوف فرد جي ڪردار تي بحث ڪندي چوي ٿو—

"بنا اثر ماڻهو پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجي ذهن جي خاص صفتن سبب واقعن کي ۽ ان جي ڪجهہ خاص نتيجن کي بدلائي تہ سگهن ٿا: ليڪن اهي واقعن جي عام لاڙي کي بدلائي نہ ٿا سگهن، جيڪي ٻين قوتن ذريعي مقرر ٿيندا آهن(١)."

وڌيڪ چٽائي ڪندي، هي ليکڪ ٻڌائي ٿو تہ، جيئن ئي سازگار سماجي حالتون موجود ٿين ٿيون، تيئن ئي هي عظيم شخص (فرد) هر جڳهہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

---

(١) پليخانوف، ص ١٤٢.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جو مطلب ته اگر واقعي کو صاحب صلاحيت شخص پيدا ٿئي ٿو، سو سماجي لاڳاپن جي پيدائش آهي. ۽ٿس هڪ عظيم انسان، ان کري عظيم کونهي جو سندس ذاتي صفت، عظيم تاريخي واقعن کي پنهنجي انفرادي خاصيت مهيا کري ٿي. بلڪ ان کري هو اهڙي صفت جو مالڪ آهي، جيڪي ڪيس زماني جي عظيم سماجي ضرورتن جي خدمت جو لائق بنائين ٿيون. هڪ عظيم انسان بين جي مقابلي ۾، واقعن جي رفتار کي وڌيڪ سمجهندو آهي ۽ اها ئي ان جي عظمت آهي(۱).

معاشي، سياسي ۽ سماجي قوتون، ايترو ته طاقتور ٿين ٿيون، جو اهي تاريخ کي لاڳيتو تبديل ڪنديون رهن ٿيون. انهن قوتن ذريعي دنيا ۾ انقلاب اچن ٿا. عظيم شخصيتون، صرف ان کي تيز کان تيز تر ڪن ٿيون. اهي تاريخ جي هن عمل کي نه ته روڪي سگهن ٿا ۽ ورڻ ڏئو ڪري سگهن ٿا. جو ڪم سندن وجود کري تيزيءَ سان پورو ٿئي ٿو، انهن کان سواء جيڪر ان مهم جي پورائي ۾ وڌيڪ دير ٿئي. تاريخ ۾ واقعا ۽ حالتون، فردن کان وڌيڪ طاقتور ٿين ٿا. اهڙو مثال جديد ترڪيءَ جي تاريخ ذريعي، مصطفيٰ ڪمال جي شخصيت جو ڏئي سگهجي ٿو. اعلا سپهه سالار کان علاوه به، مصطفيٰ ڪمال جي شخصيت — سياسي، سماجي ۽

---

(۱) پليخانوف، ص ۴۲-۵۲.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثقافتي لحاظ کان اهميت واري آهي. مصطفيٰ، جڏهن ترکي ٻاهرين فوج جي قبضي ۾ هو، پنهنجي فوجي صلاحيتن سان ان کي آزاد ڪرايو، سياسي صلاحيتن جي سهاري ترکيءَ کي بين‌الاقوامي طور عزت وٺي ڏني ۽ پريور صلاحيتن ڪري ترکيءَ ۾ معاشي، سماجي، ثقافتي ۽ تعليمي سڌارا ڪيا. جڏهن ترکي تاريخ جي ٻ واڻي ٿي هو، ان وقت اگر مصطفيٰ ڪمال نه هجي ها تہ پوءِ جديد ترکيءَ جي اڏاوت لاءِ ٻ ڳهو عرصو کپي ها ۽ هڪ شخص (ڪمال) جيڪو ڪم ڪيو، تنهن کي پورو ڪرڻ لاءِ شايد ڏ ن يا ڇ ئن شخصن جي ضرورت پوي ها. حالتون ۽ وقت جي رفتار ترکيءَ کي جديد ضرور بنائين ها، ليڪن هن عمل ۾ زياده وقت ۽ وڌيڪ ماڻهن جي ضرورت ٿئي ها.

بادشاهي يا شخصي حڪومتن جي ڏينهن ۾، تاريخ نويسيءَ ۾ حڪمران طبقي ۽ صاحب اقتدار طبقي کي وڌيڪ اهميت ڏني وئي. تاريخدانن کي حڪمرانن جي شخصيت ۾ ڪشش نظر آئي ۽ سندن ڪارنامن توڙي عمل ذريعي، وقتي طور تي جيڪي تبديليون آيون، انهن تي غور ۽ فڪر ڪيو، پر واقعن جي پس منظر ۾ خاموش سماجي، سياسي ۽ معاشي عمل کي نظرانداز ڪيو ويو.

انساني ارتقا جي حقيقي سببن جهڙوڪ اقتصادي حالتن ۽ معاشي ادارن جي عظيم، ليڪن سست رفتار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديلين کان هتي ڪري؛ اسان جا تاريخدان ان ڳالهه جا عادي هئا، ته هو حڪمرانن جي چند سٽن ڪن ۽ عظيم واقعن تي ڏيان ڏين. اسان جي تاريخ جو گڏيل ۽ محدود هجڻ جو اهو به هڪ سبب آهي. ان ۾ حڪمرانن جي تاريخ ته آهي، عوام جي ڪانهي؛ مذهبي مهندارن جي آهي، سنڊن بوٽلگن جي ڪانهي؛ فوجي جرنيلن جي آهي، سپاهين جي ڪانهي؛ سرمائيدارن جي آهي، مزدورن جي ڪانهي.

اولهه (يورپ) ۾ جمهوري طرز حڪومتن کان پوءِ، تاريخ نويسيءَ ۾ ڦيرو آيو ۽ خاص طور تي فرانسيسي انقلاب، تاريخ جي نظرين ۾ به انقلابي تبديلي آندي. فرانسيسي مفڪر مشلي (Michelet)، فرانسيسي انقلاب تي هڪ زبردست ڪتاب لکيو؛ جيڪو تاريخ جو نظريو تبديل ڪرڻ ۾، اهم قدم سڏجي ٿو. هن جو رايو آهي ته، تاريخ عظيم انسانن جي ڪارنامن جو عرق ڪونهي، بلڪ عام ماڻهن ۽ غلامن جي تاريخ آهي.

"عوام، اڪثر اڳواڻن کان وڌيڪ هوندو آهي، مان جيترو وڌيڪ گهرائيءَ ۾ ويس، ايتري پڪ ٿيم ته؛ جو ڪجهه آهي اهو زمين جي هيٺان آهي ۽ گمناميءَ ۾ لڪل آهي. عوام ئي رهنماءُ عنصر آهي"(۱).

---

(1) Owen Chadwick: "The Secularization of the European Mind in the Nineteenth Century" P, 198, Cambridge 1972.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن تبديليءَ جو اهو اثر ٿيو جو، اولهه ۾ پهريون پيرو حڪمرانن، بادشاهن ۽ عظيم فردن کان هٿي ڪري عوام جي تاريخ لکي وئي، جيئن انگريزي مائٿن جي تاريخ يا فرانسيسين جي تاريخ وغيره. ننڍي کنڊ ۾ سڀ کان اول ڪنور اشرف، هندستان جي عوام جي زندگي ۽ حالتن تي ڪتاب لکيو، جو مروج روايتن خلاف هڪ بغاوت هو. بدقسمتيءَ سان نوآبادياتي (Colonization) نظام جي پڄائيءَ بعد، ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ وري شخصيت پرستيءَ ۾ اضافو ٿيو. هر نئين آزاد ٿيل ملڪ، شخصيتن جا بت کڙا ڪيا ۽ سندن چوگرد روايتن جو اهڙو تار پکيڙيو ويو؛ جو سندن حيثيت انتهائي مقدس ۽ متبرڪ ٿي پئي. بيشڪ جي خاتمي ۽ آزاديءَ جي تحريڪ ۾، سندن ڪردار کي ايترو ته وڏائي پيش ڪيو ويو؛ جو عوام جي قربانين ۽ سندن ڪردار کي بنهه نظرانداز ڪري، ان جي اهميت کي گهٽايو ويو. انهن ملڪن جي تاريخ ۾ وري، عظيم فرد نسري نروار ٿيا ۽ تاريخ انهن فردن تائين محدود ٿي وئي. بهرحال ان مان هي به معلوم ٿيو ته، تاريخ نويسي، طرز حڪومت کان به اثر وٺي ٿي. شخصي حڪومت ۾، مؤرخ شخصيتن کي چٽو ڪن ٿا، ليڪن جمهوري نظام حڪومت ۾ تاريخدانن جو ڌيان، عوام ۽ سماج جي گڏيل قوتن تي رهي ٿو. شايد ان جو هي سبب به آهي ته، شخصي نظام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت ۾، عوام جي سرگرمين کي پردي جي پٺيان اڇليو ويڃي ٿو، پر جڏهن جمهوري قدرن جو اضافو ٿئي ٿو، تہ عوامي صلاحيتون بہ پوري ريت اپري اچن ٿيون ۽ انهن جو ڪردار ۽ عمل تاريخ جي اڏاوت ۾ ڇٽو ٿي ٻيهي ٿو ۽ مؤرخ جي نگاهن کان لڪي نہ ٿو سگهي. ان ريت تاريخ جو نقطو ۽ مرڪز، شخصيتن کان هٽي، گڏيل طور تي عوام تائين پهچي وڃي ٿو.

تاريخ ۽ فطرت

انسان فطرت مان ڇا سکيو؟ ۽ ان جو اثر سندس زندگيءَ تي ڪهڙو ٿيو؟ ۽ تاريخي عمل، ان مان ڪيترو متاثر ٿيو؟ هي اهڙا سوال آهن، جيڪي تاريخ ذريعي انسان ۽ فطرت جي لاڳاپن تي بہ روشني وجهن ٿا! فطرت جي جلوي، انسان جي ذهن ۽ دماغ تي گهڻو اثر ڇڏيو آهي. موسمن جو اچڻ وڃڻ، سرءَ ۽ بهار، سردي ۽ گرميءَ جي گردش، ڏينهن رات جو تبديل ٿيڻ، درياءَ، جبل، وڻ، پکي ۽ جانور ـــ سڀني سندن زندگيءَ جي ڏاهڻ ۾ حصو ورتو ۽ سندس خيالن توڙي نظرين ڏاهڻ ۾ فطرتي مظهر، اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

انسان جي تاريخ اصل ۾، زمين جي ارتقا جي تاريخ آهي. انسان فطرت کان الڳ نہ ٿو رهي سگهي. سندس عمل جو محور، فطرت ۽ هن ڌرتيءَ جو ماحول آهي. ان ڪري فطرت ۽ انسان جي تاريخ، هڪٻئي سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڳاپيل آهن. تاريخ جي ابتدا، انسان ۽ فطرت جي چڪتاڻ سان ٿئي ٿي. فطرت انسان لاءِ هڪ ڳجهه وانگر هئي، ۽ انسان جي ڪوشش هئي ته، انهن ڳجهن (رازن) تان پردو کڻي، کيس (فطرت) حقيقي ۽ اصلي شڪل ۾ سامهون آڻي. شروع ۾ انسان فطرت جي هر شيءِ کان ڊنل هو. چنڊ ۽ سج، تارا، مينهن، ڪنوڙ ۽ گوڙ توڙي وڻ ۽ جانور ـــ سندس لاءِ خدا يا ديوتا جو درجو رکندا هئا. آهستي آهستي انسان، انهن جي اصل حقيقت کي ڳولي لڌو ۽ نه صرف سندن خدائيءَ کي ٽوڙيو بلڪ انهن کي پنهنجي تابع به ڪري ورتو. تاريخ پڙهڻ سان هي ڳالهه چٽي ٿئي ٿي ته، انسان فطرت جي هن ويڙهاند ۾، فتح پنجي اپريو ۽ فطرت جي مظهر کي قبضي ۾ ڪري، ان جي دولت مان فائدو وٺي؛ تهذيب ۽ تمدن جي ترقيءَ ۾ نمايان حصو ورتو. فطرت جي ذريعن کي استعمال ڪرڻ ۾، انسان جي محنت ۽ مشقت کي وڏو دخل حاصل آهي؛ ان ڪري اسين سماجي ترقيءَ جو اندازو پيداواري ذريعن جي اوزارن سان ڪيون ٿا.

فطرت جون مهربانيون يا سختيون، انسان جي جسماني ۽ ذهني ترقي يا تباهيءَ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪن ٿيون. انسان فطرت مان گهڻو ڪجهه سکيو آهي. مثال طور هن شروع ۾، جانورن کي پنهنجو زيردست بنايو ۽ پوءِ ساڳي طرح انسان کي غلام بنائي، پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تابع ڪيو(۱). پکين جي آکيرن کي ڏسي، ڪيس پنهنجو گهر ناهڻ جو خيال ٿيو. ابتدا ۾ انسان جا ڪپڙا، جانورن جون کلون ۽ پکين جا کنب هوندا هئا. ڪيس پکين جي چهنب ڏسي، چاقو ۽ چري ناهڻ جو خيال آيو. مڇيءَ کي ڏسي، ڪيس ٻيڙي ناهڻ جو خيال آيو ۽ نانگ ڪيس هٿيارن کي زهريلو ڪرڻ جو سبق ڏنو. مقصد ته فطرت انساني زندگيءَ تي جيڪو اثر ڇڏيو آهي، ان جي شاهدي اڄ به، انسان جو رهڻ-سهڻ ڏئي رهيو آهي(۲).

هردر چئيءَ ريت انسان ۽ فطرت جي لاڳاپي جي مختلف پهلوئن کي چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مثال طور فطرت جو هي قاعدو رهيو آهي ته شينهن ۽ چيتو گهٽي تعداد ۾ نه ٿا ٿين؛ جڏهن ته ريڍون ۽ گيرا توڙي ٻيا ڪمزور جانور ۽ پکي اڪثريت ۾ ڏسجن ٿا. انساني تاريخ ۾ به ائين ٿي آهي. بخت نصر، ڪمبوجيا (Cambyses)، سڪندر، اٽيلا ۽ چنگيز خان گهٽ ٿين ٿا. اڪثريت سادن سودن ماڻهن جي هوندي آهي(۳).

انسان ۽ فطرت جي ان چڪتاڻ ۾، هردر اميد جو پهلو ڏسي ٿو. جهڙي طرح انسان فطرت تي قابو پاتو

(1) Johann Gotfried Von Herder: "Reflection on the Philosophy of History of Mankind" Abridged. Eng: trans. Erank E. Manuel, P. 54, Chicago 1968.

(2) Johann Gotfried Von Herder, P. 53.

(3) Johann Gotfried Von Herder, P. 89.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، رڻ ۾ جهنگلن کي صاف ڪري ڪين رهائش ۾ پوکي راهي لاءِ استعمال ڪيو آهي، وحشي جانورن کي سڌاري پنهنجي تابع ڪيو آهي؛ اهڙي طرح ان ۾ ايتري طاقت آهي جو سماج ۾ انهن تباه ڪارين کي ختم ڪري ظالمن، آمرن ۽ فرعونن کي ختم ڪري، دنيا کي امن لائق بنائي چڏيندو(۱)۔

انسان ۽ فطرت جي هن لاڳاپي ڏسڻ بعد، سوال ٿو اٿي ته ڇا فطرت ذريعي تاريخ کي سمجهي سگهجي ٿو؟ ڪي هنڌ گوئٽي به چيو آهي ته، تاريخ به فطرت وانگر آهي۔ هي به هر وقت ناهڻ ۽ ڀاهڻ ۾ مصروف آهي۔ فطرت جي تعمير ۽ شڪست مان، تاريخ کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي آهي، ليڪن هيگل ان نقطه نظر سان اختلاف ڪيو آهي۔ سندس خيال آهي ته، فطرت ذريعي انسان تاريخ کي نه ٿو سمجهي سگهي۔ ٻئي، به مختلف شيون آهن۔ فطرت جي پنهنجي ڪابه تاريخ ڪانهي۔ هي هميشه هڪ دائري (Cycle) ۾ گهمي ٿي، ليڪن ان عمل مان نه ته ڪا شيءِ ڦهي ٿي، نه وري ان ذريعي ڪو انقلاب ايندو آهي۔ روزانو سج جو اپرڻ ۽ بهار جو اچڻ، صرف هڪ عمل جو ورجاءُ ٿي آهي۔ اهي فطرت جا اٽل قانون آهن، جيڪي ڪڏهن به تبديل نه ٿا ٿين(۲)۔ جڏهن ته انساني تاريخ ان کان

(1) Johann Gotfried Von Herder, P. 90.
(2) Colling-Wood, p. 114.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدا آهي، جيڪا لاڳيتو تبديل ٿي رهي آهي ۽ اڳتي وڌي رهي آهي.

انسان ۽ فطرت جي ڇڪتاڻ مان اسين ڪ نتيجي تي، پهچون ٿا تہ انسان ۽ فطرت ۾ اونهو لاڳاپو آهي. جيڪڏهن فطرت نہ هجي ها تہ، پوءِ انساني تاريخ ۾ تخليق نہ ٿئي ها. ان ڪري انساني تاريخ، انسان ۽ فطرت جي ٽڪر جي تاريخ آهي. سوال ٿو اٿي تہ، ڇا انسان فطرت جي مقابلي ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي؟ ڇا هن فطرت جي ڇڇهن تان هردو ڪڍي ڇڏيو آهي؟ ۽ ڇا هن فطرت کان پنهنجي عظمت کي ميرائي ورتو آهي؟ نہ ـــ اجا ٽائين نہ! پنهنجي سڀني تخليقي صلاحيتن جي باوجود، انسان ۽ فطرت جي جنگ جاري آهي. انسان فطرت تي پنهنجي فتح جي يادگارن ۽ عظيم عمارتن جي تعمير ڪئي آهي، ليڪن هي ۾ حقيقت آهي تہ انسان هي عظيم عمارتون ناهي ٿو ۽ فطرت انهن عمارتن کي ڍاهيندي ڍير ڪندي رهي ٿي. انسان رنگين ۽ خوبصورت تصويرون ناهي ٿو، ليڪن ماحول (آبهوا) انهن رنگين چٽن کي ختم ڪندو ٿو رهي. زلزلا ايندا آهن، سيلاب ايندا آهن، ٻرندڙ جبل جر ڪين ٿا، طوفان ۽ هوا جا جهوٽا اچن ٿا ۽ انسان جي يادگارن کي تباه ۽ برباد ڪندا هلن ٿا. فطرت انسان آڏو، اجا ڪنڌ نہ نيوايو آهي، ان ڪري چئي نہ ٿو سگهجي تہ هن جنگ ۾ ڪير ڪٽندو؟ گڏوگڏ هي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته، جي هي چڪتاڻ ختم ٿي وئي؛ ته پوءِ انساني تاريخ به ختم ٿي ويندي.

اسان کي هي حقيقت به، ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته انسان جي فطرت سان هي جنگ، دنيا جي هر خطي ۾ هڪجهڙي نه ٿي وڙهي وڃي. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جا ملڪ، هن جنگ ۾ شڪست کائڻ آهن ۽ فطرت متن حاوي آهي. ان کري اسين نه ٿا چئي سگهون ته، ڪڏهن ۽ کهڙي ڏاکي تي؛ سموري دنيا هڪجهڙائي سان فطرت تي غالب ٿيندي، چو ته انسان جيسين هڪ آواز ٿي فطرت جي خلاف مقابلي لاءِ تيار نه ٿيندو، ان وقت تائين ان جو ڪوبه امڪان ڪونهي ته، هو مٿس سوپ حاصل ڪري!

آبهوا ۽ ماحول

جاگرافي ۽ آبهوا جو انساني ذهن تي جيڪو اثر پوي ٿو، ان متعلق هربرٽ ڪافي ڪجهه لکيو آهي. هو نسلي لحاظ سان ڪهن به قوم جي بالادستيءَ جو قائل ڪونهي؛ چو ته انسان سڀ هڪ آهن ۽ هڪڙي قسم سان تعلق رکن ٿا. سندس خيال ۾ آبهوا، هر قوم جي ڪردار کي ناهي ٿي، ان کري هو ڪٿي به هجي، سندس خاصيتون الڳ ڏسيون. مثال طور جيڪڏهن هندستان ۾ عرب، چيني، جاپاني، ملائي، ترڪ ۽ يورپي — رهائش اختيار ڪن؛ تڏهن به هو الڳ الڳ نظر ايندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان مان اندازو ٿئي ٿو ۽ هي نتيجو نڪري ٿو ته قومن جي جسماني بناوت، سندن عادتون، وندر ۽ راندیون، خيال ۽ نظريا سڀ آبهوا تي ڀروسو رکن ٿا. "ڪين پنهنجي ملڪ کان محروم ڪيو، ته ڄڻ اهي هر شيءِ کان محروم ٿي ويا". ان ڪري ملڪ ڇڏڻ به هجي، آبهوا کيتري به خراب ڇو نه هجي، اتي جي مائهن لاءِ، ان ۾ خوبصورتي هوندي آهي؛ ڇو ته هر قوم پنهنجي علائقي ۾ پنهنجي عادتن، تفريح ۽ زندگيءَ جي مشغولين سان گڏ رهي ٿي. ان ڪري جيڪڏهن دنيا جون قومون ڪوشش ڪن ته جيڪو آهي، جتي آهي ان کي اتي رهڻ ڏنو وڃي؛ سندن حق ڪائنن نه کسيا وڃن، ته ان صورت ۾ امن برقرار رهي سگهي ٿو. فطري ۽ قدرتي رياست اها آهي، جتي هڪ قوم رهندي هجي. جيڪا رياست مختلف قومن تي مشتمل هجي، اتي جدا جدا قومي ڏکراءَ کيس (رياست کي) ختم ڪري ڇڏين ٿا. جيڪڏهن دنيا جون سڀ قومون جتي پيدا ٿيون هجن، اتي آباد هجن ها، ته هي دنيا مختلف قومن جو هڪ خوبصورت باغ هجي ۽ هر قوم پنهنجي فطرت موجب ترقي ڪري؛ پر ان جي ممڪن نه ٿيڻ جو سبب، خدا جي رٿابنديءَ ۾ اختلاف ۽ هڪجهڙائي نه هجڻ آهي.

فطرت قومن کي جبلن، درياڻن، جهنگلن، رڻن، سمندن، ٻولين، عادتن ۽ ڪردارن، ذريعي جدا جدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري ڪنهن بي قوم جي علائقي تي قبضو ڪرڻ، انهن کي قتل ڪرڻ، کين پنهنجي اولاد کان محروم ڪرڻ ـــ فطرت ۽ انسانيت جي نظر ۾ وڏو ڏوه آهي(١).

هردر هن گالهه کي شاهدين ۽ حقيقتن جي حوالي سان، ثابت ڪيو آهي ته، فطرت قومن کي دنيا جي مختلف علائقن ۾ تقسيم ڪيو آهي ۽ اهي اگر پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ رهن ته، دنيا ۾ امن برقرار رهي سگهي ٿو. پر ان سان گڏ اسين هي به ڏون ٿا ته، فطرت پاڻ به پنهنجي نظام ۾، پيچ داه ڪندي رهي ٿي. آبهوا جي تبديلي، سيلاب، زلزلا، ڏڪر ۽ پيداوار جي گهٽتائي ـــ قومن کي مجبور ڪري ٿي ته: اهي پنهنجو علائقو ڇڏي لڏپلاڻ ڪن. خود فطرت به هن نظام کي ڊاهڻ ۾ مصروف ڏسجي ٿي. طاقتور قومون، جنگ، جهيڙي ۽ طاقت جي زور تي: ڪمزورن کي غلام بنائين ٿيون. ان ڪري فطرت جو نظام، ڪڏهن به پنهنجي اصلي شڪل ۾ برقرار نه رهيو. ان کي ڪڏهن سامراجي قوتن ٽوڙيو، ته ڪڏهن آفاقي مذهب جي پوئلڳن ـــ جن قومن کي پنهنجي عقيدن کان انڪاري بنائي، کين پنهنجي حلقي ۾ وٺي ڇڏيو. هردر وت هي پڻي عمل، فطرتي قومن جي خلاف وڏو گناه آهن.

---

(1) Herder, PP. 5, 10, 12, 16, 30, 77, 78.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي تاريخ جو دکڏاڪي واقعو آهي ٿو، جيڪي قومون پنهنجي وطن مان لڏي ٻين ملڪن ۾ ويون؛ اهي پاڻ سان گڏ پنهنجي فطرت، عادتن ۽ ماحول کي به پاڻ سان کنيو ويون. انهن پرديس ۾ به پنهنجي طرز زندگي، بولي، رهڻ سهڻ ۽ اڻي ويڙي برقرار رکي. مگر آفريڪا ۾ ايشيائي رهاکو، آمريڪا ۾ حبشي ۽ ايشيا ۽ آفريڪا ۾ يورپي؛ صدين کان پوءِ به پنهنجي ذهنيت کي تبديل نه ڪري سگهيا. بادشاهتون هن تڪليف ۽ ڏاريائپ جي احساس مان لنگهي ويون، نسلي ۽ قومي ٽڪرائن هزارين مائهن جو رت پي ڇڏيو؛ پر ان جي باوجود به اختلاف هم‌آهنگيءَ ۾ متجي نه سگهيا.

تاريخ جا ٻه طرف (پهلو)

تاريخ جي اپياس مان ٻن قسمن جا لاڙا ـــ هڪ اميد ۽ ٻيو نراسائي پيدا ٿين ٿا. تاريخ ۾ انساني ترقيءَ جي لهر جيڪا ڏاڪي به ڏاڪي ڏسجي ٿي؛ ان مان هي خيال اپري ٿو ته، انسان لاڳيتو اڳتي وڌي رهيو آهي. ٻُري ۽ پلي جي چڪتاڻ، انسان ۽ فطرت جي چڪتاڻ ۽ طبقاتي چڪتاڻ ۾؛ انسان لاڳيتو اڳتي وڌي رهيو آهي. انساني ساڃهه ۽ سمجهه ۾ برابر واڌارو ٿي رهيو آهي. منجهيل عقيدا حل ٿي رهيا آهن، الجهيل گهالهيون ڪلي طرح سامهون اچي رهيون آهن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اڇاڻ دنيا" ـــ "چاڙل دنيا" ۾ منجي رهي آهي. فطرت انسان جي تابع ٿيندي ڏسجي ٿي. جيڪي قومون بلڪل الڳ هيون، هاڻي تاريخ جي ذريعي، انهن ۾ بين قومن ۾ لاڳاپا پيدا ٿي رهيا آهن. عالمي تاريخ ۽ ثقافت جي ايپاس، انساني ذهن کي وسيع ڪري ڇڏيو آهي. قومي وڏائي ۽ نسلي فخر جا بت ٽٽي رهيا آهن.

ظلم ۽ ستم جا ادارا هڪ هڪ ٿي پورا ٿي رهيا آهن. انسانن جي گهٽائي، ڌنڌ (غلامي) جون زنجيرون ڇڄي پرزا پرزا ڪري، آزاديءَ طرف وڌي رهي آهي. جهونيون روايتون ۽ قدر، پراڻا ۽ بيڪار ٿي ختم ٿيندا پيا وڃن ۽ هر ايندڙ نسل، نئين روشني (فڪر) ۾ پنهنجا ادارا پاڻ ڏاهي رهيو آهي.

تاريخ جو ايپاس ٻڌائي ٿو ته، ترقي پسنديءَ ۽ رجعت پرستيءَ جي ويڙهه ۾، ڪاميابي آخر ترقي پسند قوتن کي ٿئي ٿي. جيڪڏهن وقتي طور تي اهي ناڪام ٿي به وڃن، ته اڳتي هلي اهي پنهنجي ڪاميابي مڃرائي وڃن ٿا. ڪوپرنيڪس، برونو، گليليو ۽ نيوٽن ـــ پنهنجي زماني ۾، پنهنجي گهالهه مڃرائي نه سگهيا، پر اڳتي هلي زماني کين دنيا جي تاريخ ۾ اعليٰ ۽ عظيم درجو ڏنو. اولهه (يورپ) ۾ ڏاهپ (عقليت) کي جيڪو اوج مليو، ان ماضيءَ جي فيصلن کي غلط ثابت ڪري، سندن متعلق پيو فيصلو ڏنو. ليڪن هي به ممڪن آهي ته، ترقيءَ جو خيال، شايد اولهه تائين محدود هجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ترقي مسلم ملڪن ۾، ايتري جاندار نه ٿي ڏسجي؛ چو ته انسان وٽ ابن المقفع، رازي، ابن رشد ۽ المعراي — ڪالهه به ڏوهاري هئا ۽ اڄ به گنهگار آهن. باوجود ان جي تاريخي قوتون جنهن نموني تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيون آهن، ان مان اميد جو هي ڪرڻو ڏسجي ٿو ته: هنن طاقتن آڏو اهي پراڻا قدر، وهم ۽ تعصب جا جزا نيٺ ختم ٿي ويندا.

ترقيءَ جي هن ساڃهه سان گڏ، تاريخ هڪ بي تصوير به انسان جي آڏو آڻي ٿي، ته سموري انساني ڪوشش ۽ جدوجهد کان پوءِ به، ڇا دنيا مان ڏڪ ۽ سور جي پڇائي ٿي آهي؟ ڇا سڃائي ۽ بدحالي ختم ڪئي وڃي آهي؟ ڇا ظلم ۽ ناانصافيءَ مان ڇوٽڪارو ملي ويو آهي؟ ڇا جنگ ۽ جهيڙي، لٽ مار، قتل ۽ رتوڇاڻ ٽوڙي ڦرلٽ مان انسان کي آزادي ملي آهي؟ انهن سوالن جي جوابن لاءِ، جڏهن اسين پنهنجي چوطرف نگاهه ڊوڙايون ٿا، ته مايوسي ۽ نراسائي ٿئي ٿي ۽ چؤطرف اونده ۽ انڌوڪار ڇانيل ڏسجي ٿو. ڏڪڻ سوال آهي ته، ڇا هي انسان جي صدين جي محنت، ڪوشش ۽ جدوجهد بيڪار وئي؟ ڇا سمورين قربانين اجايون ويون؟ ڇا اسين جنهن کي ترقي ٿا چئون، اها سطحي ۽ بي رنگ شيءِ آهي؟ جڏهن ته سندس پڻيان هي ڏڪ ۽ درد ٽوڙي ظلم، ستم ۽ تڪليفون آهن. اهو سڀڪجهه ڏسندي، چئبو ته اڃاوت ۽ بيڃ واه ٿيندي رهي ٿي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ تبديلي ايندي رهي ٿي. پر اها خبر ڪانهي ته، ڏاڍا ڏيل ڇڪو هو يا جيڪو نئون پيدا ٿيو اهو سڀ آهي. قومون پيدا ٿي، ختم ٿينديون رهن ٿيون. پر هڪ مثل قوم ۽ ڪوبہ تازو گل نہ ٿو ايري، گڇهہ ظاهر نہ ٿا ٿين. اسين نہ ٿا چئي سگهون ته، کهڙي قوم پاڳيري هئي، ڪنهن سڀ زمانو گذاريو، انسان جو ماضي سڀ هو يا انسان جو حال؟ (۱)

انسان جو تاريخ ۾ کهڙو ڪردار آهي؟ هو کهڙي مقصد لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي؟ يا سندس ڪو مقصد ۽ رٿا ڪانهي ۽ جو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، اهو ڪنهن مقصد ۽ رٿا کان سواءِ آهي—

"اسين اميد ٿي پڪي رهيا آهيون، جنهن ۾ انسان جون حياتيون قيد آهن. لهاذا انسان جي لاءِ هي غير دلچسپ شيءِ آهي ته: ان جو ڪو رستو اندر اچڻ يا باهر وڃڻ جو آهي يا نہ؟" (۲)

محسوس ائين ٿو ٿئي ته، ڏک ۽ درد انسان جو مقدر آهي. اسين زنده رهندي جدوجهد ڪيون ٿا، ليڪن ٿئي چا ٿو ته، پنهنجي مشقت جو ڦل چکڻ کان اڳ ۾ ڪي انسان فوت ٿيو وڃن. الڳ رهڻ ڪري، قومن جو ڪردار ڪهڙو ٿي وڃي ٿو. اگر ٽڪراءِ جي حالت

---

(1) Herder, P. 80:
(2) Herder, P. 80.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ٿي، پوءِ قومن جي جدوجهد ۾ ڪڏهن ٿي، بيڪار ٿي وڃي ٿي—

"اهڙي طرح اسين برف جا گهاڙا پڄندا آهيون، يا وري سمنڊ جي لهرن تي لڪندا آهيون، لهرون پکڙجن ٿيون، برف گهري وڃي ٿي، اسان جا محلات ۽ خيالات پڻي باقي نه ٿا رهن"(۱).

انسان اهو سوچي ٿو ٿي، خدا کيس اهڙي محنت لاءِ ڇو پيدا ڪيو آهي، جنهن جو کو ثواب ڪونهي. آخر ائين ڇو آهي ٿي، انسان لاڪيٽو وزن هيٺان دبيل رهي ۽ آخر قبر جي ڪنڊيءَ تي اڇيو پهچي. ڪائنس اهو ڪڏهن ۾ پڇيو نه ٿو وڃي ٿي، هو ڪٽي، کهڙي جاءِ، کهڙي دور يا ڪنهن وقت پيدا ٿيڻ ۾ گهري ٿو يا نه؟

جڏهن اسين تاريخ ۾ ناانصافيون ڏسون ٿا، ته کهڙي طرح ظالم، آمر ۽ ڪوڙا ڪامياب ۽ فتحمند رهيا، تڏهن اسين ان نتيجي تي پهچون ٿا ته، "ڏکي، دهشتگردي ۽ ان جي ڪپتپري چالاڪي، هن سرزمين تي هر جاءِ ڪامياب رهي آهي"(۲).

پوري تاريخ ۾ اسين ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿا ڏسون ٿي، هتي خواهشن جو ٽڪراءُ آهي، تباهيءَ جون فنڪاريون ۽ ظالم قوتون؛ نيڪ مقصد کي تباهه

(1) Herder, P. 80.
(2) Herder, P. 81.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ۾ رڌل آهن. تاريخ ڪوريئڙي جي چار وانگر آهي ۽ سندس منجهيل تندون، تباهي ۽ بربادي ۽ جون نشانيون آهن. هڪڙ جو چوڻ آهي ته، "اهو وڏي ۾ وڏو ظلم آهي ته، جنهن ڪوريئڙي چار ڏاهيو آهي؛ سو پنهنجي مرڪز تان گم آهي"(١).

پوري انساني تاريخ ۾، هي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته، جيڪي ماڻهو زياده محنتي ۽ جهد ڪندڙ آهن، تن جي آڏو رڪاوٽون هونديون آهن؛ ته جيئن ڪمچور ان مان فائدو وٺي سگهن(٢).

ماضيءَ جا يادگار ۽ آثار توڙي تاريخ، انسان لاءِ عبرت جو سامان بيش ڪن ٿا. تهذيبن جي زوالي ڪري، قومون برباد ٿي گمناميءَ جي دامن ۾ هليون وڃن ٿيون. عاليشان عمارتون، وسيل شهر، خوبصورت يادگار ويران ۽ برباد ٿي وڃن ٿا. جڏهن انسان انهن اوجڙ محلاتن جي باقيات، ويراني، قدامت ۽ متن چانيل ديچارينڊ ماڻ ڏسي ٿو؛ تڏهن سندس دل تي حسرت ۽ مايوسيءَ جو پاڇو پکڙجي وڃي ٿو ۽ هي خيال پختو ٿئي ٿو ته، تاريخ ۾ هر شيءِ فاني آهي. دنيا جا مشهور تمدن ـــ مصر، ايران، هندستان، يونان ۽ شام اڀري اچن ٿا ۽ ختم ٿي وڃن ٿا. ان ريت تاريخ جي صفحن تي، قومن جا ٽڙيل پکڙيل ڪارنامل، سندن جنگي

---

(1) Herder, P. 81-82.
(2) Mieses, P. 236.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاميابيون، شان ۽ شوڪت توڙي ڏينهو سڀ گذريل زماني جي ياد ڏيارينديءَ؛ دل تي فنا ۽ بربادي جو اثر ڇڏي وڃن ٿا. ڪانٽ، هيگل، نٽشي ۽ شوپنهاير— عالمي تاريخ کي مسرت ۽ خوشيءَ کان خالي ڏسجن ٿا. هيگل جي به ساڳي راءِ آهي. انساني تاريخ هڪ سانحو آهي، جنهن ۾ دهشت گردي، ظلم ۽ ڏکن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. تاريخ هميڏي لاءِ مايوسي ۽ نااميديءَ جو سبق آهي، ته جيئن هو هن دنيا کان نفرت ڪري ۽ ڏاڍي لاءِ اميد جو پيغام آهي؛ جنهن جي آثار تي هو ڪمزور جي جهڙيل ۽ نبل جسم تي، پنهنجي لاءِ دنيا کي وڏيڪ سهڻو بنائي. هتي انصاف جو ڪوبه امڪان ڪونهي. هتي نيڪيءَ کي، بديءَ تي ڪابه سوچ ڪانهي. طاقتور، ڪمزور کي ٻڙڻ ۽ هوا جا تيز جهوٽا، ڏيئي کي وسامڻ ۾ رڌل ڏسجن ٿا. مظلوم هميشه، بچندي ۽ ڏکندي، آسائتين نظرن سان متي آسمان ڏي؛ ڪنهن مسيح ۽ مهديءَ جو انتظار ڪندي ڏسجي ٿو.

تاريخ جو سبق

تاريخ جو سڀ کان وڏو مقصد، هي آهي ته ان جي ذريعي انساني ذهن؛ لاڙي، عادت، سندس عمل ۽ ردعمل توڙي خود انسان کي سمجهيو وڃي؛ ڇو ته جيسين انسان کي نه سمجهيو ويو آهي، تيسين انسانيت کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه سمجهي نه سگهيو. تاريخ ۾ انسان، هر رنگ ۽ روپ ۾ ڏسجي ٿو. هتي حاڪم ٻه آهن ته جنرل ٻه؛ مذهبي پرچارڪ ٻه آهن ته سڏا سنوان هاري ۽ انسان ٻه، جيڪي انساني سپاءَ جي جدا جدا طرفن کان اڳواڻي ڪن ٿا. انساني ايپاس لاءِ، تاريخ هڪ مکيه مرڪز آهي، ان ڪري تاريخ جي ذريعي؛ الڳ الڳ خيال پيش ڪجي ٿو. اهي تاريخدان جي تاريخ کي اخلاقي قدرن جي ايڪي لاءِ؛ استعمال ڪن ٿا، اهي تاريخ ۾ اهڙا واقعا گولين ٿا، جن ۾ نيڪيءَ جي سوپ، بچڙائيءَ جي ذلت، خراب ڪمن جي سزا، اوج ۽ زوال مان عبرت ٽوڙي ظالمن جي خراب ٻچاڙيءَ جا واقعا اڇي وڃن ٿا. مذهبي خيال کان لکندڙ مؤرخ، تاريخ ۾ اهي ٻيڇرا پڌرا ڪري ٿو، جن مان مذهبي برتري، مذهب جي ذريعي قومي اوج ۽ مذهب ٽوڙي اخلاق جو گڏيل لاڳاپو ثابت ٿئي.

گوئٽي ۽ پوءِ نٽشي، هن ڳالهه تي زور ڏنو ته، تاريخ جو مقصد صرف هي نه هجڻ گهرجي ته، اها صرف انسان جي جاڻ ۾ واڌارو ڪري ۽ انسان کي ماضيءَ جي باري ۾ پڌائي؛ پر ان کي حياتيءَ جي مقصد جو پورائو به ڪرڻ گهرجي. انسان ان مان ڪجهه حاصل ڪري، ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾؛ ان مان ڪو سبق سکي(۱).

(1) Victor, P. 135.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا تاريخ مان انسين کو سبق سکون ٿا؟ انهيءَ جي جواب ناڪار ملي ٿو. انسين تاريخ مان ڪوبه سبق حاصل نه ٿا ڪيون ۽ نه عملي زندگيءَ ۾ ان مان ڪو فائدو وٺندا آهيون. جيڪب بڪ هارڊت هڪ هنڌ لکيو آهي، ته تاريخ انسان کي ماضيءَ جو شعور ته ڏيندي آهي، مگر ان مان انسين حال جا مسئلا حل نه ٿا ڪري سگهون. جنهن ڪري چيو وڃي ٿو ته، "تاريخ مان انسين ڪجهه نه ٿا سکون"، سواءِ ان جي ته، "تاريخ مان انسين ڪجهه نه ٿا سکون".

ان طرح تاريخ ۾ قومن ۽ تهذيبن جو اوج ۽ زوال ايندو رهندو آهي. اهڙي طرح سلطنتون پيدا ٿيندڙيون ۽ ڌهنديون رهن ٿيون. جيڪڏهن انهيءَ عمل ۾ کي قانون هجن ها ته انسين انهن کان واقف ٿي: زوال جي ان قدم کي روڪي سگهون ها، ليڪن اوج ۽ زوال جو هي چڪر هن گهاڙهه جي چڪائي ڪري ٿو ته، تاريخ جا قانون انسان جي سوچ ۽ سمجهه کان مٿي آهن. انسين سطحي طور تي ته انهن جا سبب ڳولي وڻون ٿا، پر ان جي ويجهان وڌندڙ بيماري ۽ بيماريءَ جي سببن کي نه ٿا سڃاڻي سگهون. تهذيبن جي زوال ۾ انسان کي ڪو نمونو (Pattern) نه ٿو ملي. هر تهذيب ٻنهنجو موت پاڻ مري ٿي. ان ڏس ۾ انسين پڪ سان نه ٿا چئي سگهون ته، اهي ڪهڙا عمل آهن: جي تهذيبن کي ختم ڪن ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جي افاديت اِها ٿي سگھي ٿي تہ، اڳ انسان کي خوشي ۽ فرحت ڏي ٿي. اسين ان ذريعي، کجھ سکڻ جو احساس وٺون ٿا. انسان جي ذھن ۾ سمجھہ ۾ پختگي اچي رھي آھي. ليکن عملي زندگيءَ ۾، ان مان کوبہ فائدو نہ ٿا وٺي سگھون ۽ نہ وري ان جي ابتاس مان انسان کي ڪو سبق ملي ٿو؛ جو تہ انسان جو وري وري ساڳي غلطي ڪرڻ، ان گالھہ جي علامت آھي تہ ھو تاريخ مان کجھہ نہ سکيو آھي.

ڇا تاريخ حقيقت جي تھہ تائين پھچائي سگھي ٿي؟

جڏھن اسين پاڻ کان ھي سوال ٿا کيون تہ، ڇا تاريخ انسان کي سچائي ۽ حقيقت جي ڳولا ۾ مدد ڪري ٿي؟ ڇا ھي انھن رستن جي چٽائي ڪري ٿي، جيڪي انسان کي حقيقت تائين پھچائين؟ ۽ ڇا تاريخ جن ماڻھن جو ذڪر ۽ جن واقعن جو تفصيل انسان تائين پھچائي ٿي، انھن ۾ ڪيتري سچائي ھوندي آھي؟ تڏھن اسين تاريخ جي سرمائي ۽ ان جي شھادت کي ناقابل يقين حد تائين بيڪار ڏسون ٿا؛ جو تہ تاريخ لکندڙ صرف واقعن کي پنھنجي ذھن ۽ نظرئي موجب ڏسي ٿو، بلڪ پسند ۽ ناپسند موجب واقعن کي خراب ڪري، پنھنجي مرضيءَ موجب تاريخ جو تعبير ۽ ان جي اڏاوت ڪري ٿو. مثال طور جڏھن اسين پنھنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي سرمائي تي نظر وجهون ٿا ته خبر ٻوي ٿي ته، اسان جي مؤرخن جو وڏو تعداد بادشاهن، حاڪمن ۽ اميرن جو پگهاردار ملازم هو؛ ان ڪري انهن جيڪي تاريخون لکيون، انهن جو مقصد پنهنجي آقا جي تعريف، ٿما توڙي سندن شخصيت کي وڏائي پيش ڪرڻ هوندو هو. ڇا اسين هي اميد ڪري سگهون ٿا ته، انهن پنهنجي ممدوحين متعلق اسان تائين بلڪل صحيح صحيح ڄاڻ پهچائي آهي؟ وڌيڪ اهو ته سندن هي تاريخون، معاشري جي هڪ محدود طبقي ۽ سندن سرگرمين متعلق آهن ۽ انهن مان اسان کي جنگين، فتحن، سازشن ۽ عياشين جو تفصيل ته ملي ٿو؛ ليڪن عوام جي حالتن، سندن سرگرمين ۽ ثقافت کي مورڳو نظرانداز ڪيو ويو آهي. تاريخدانن جي نظر ۾، صرف حڪمران طبقو ئي تاريخ ساز هوندو هو.

تاريخدان جي تعصب ۽ پنهنجي نظرين سبب به، تاريخ جي سچائي ۽ صداقت تي متاثر ٿئي ٿي. هو واقعن کي پنهنجي نقطهٔ نظر سان پرکي، ان جو تعبير ڪري ٿو. ان ريت هڪ ئي واقعو مختلف طريقن ۽ نمونن سان پيش ڪيو وڃي ٿو. سياسي، مذهبي ۽ قومي خيال موجب ڪجندڙ تاريخن ۾، وڏاءَ ۽ واقعن کي مروڙي پيش ڪرڻ جون جيڪي ڪوششون ڪيون ويون آهن، ان جا ڪيئي مثال موجود آهن. مثال طور جڏهن اسلامي ملڪن کي يورپ وارن غلام بنايو، ته گهٽتائي واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس ۾ گهٽتائي واري لاڙي کي دور ڪرڻ لاءِ، اهڙيون تاريخون لکيون ويون، جن ۾ ماضيءَ کي وڏ ڪان وڏ شاندار ۽ رنگين ڪري پيش ڪيو ويو. انهن پنهنجي تحقيق جو رخ ان موضوع طرف موڙي ڇڏيو ته، دنيا جي تهذيبي ترقي ۾ اوج مسلمانن جي ڪري آهي. ان قسم جي تاريخي ڪتابن وقتي طور تي ته شايد گهٽتائي واري لاڙي کي دٻايو هجي، مگر هي تاريخون اسلامي سماج ۾ ڪو ڏرڻلو ۽ تبديلي آڻڻ ۾ ناڪام ٿي ويون؛ بلڪ الٽو هي زيان ٿيو ته اسان پنهنجي قديم عظمت جو ايترو ته پکو يقين ڪيو جو، هن جادوئي تصور ۾ پنهنجو هوش وڃائي، حال ۽ آئندي بنهي کان لاتعلق ٿي ويا سين.

اهو حال انهن تاريخن جو آهي، جيڪي قومي خيال کان لکجي رهيون آهن. قومي مؤرخ پنهنجي تحقيق ۽ هوشياريءَ کي صرف ان گهالهه تي کپائي ٿو ته، سندس قوم، تهذيب ۽ تمدن ٻوڙي ثقافت ـــ اعليٰ مرتبي واري آهي ۽ انساني تهذيب جو هر مٿانهون اهڃاڻ، سندس سرزمين ذريعي ٽڙيو پکڙيو آهي ۽ پين قومن سڀ ڇڳايون ڪائنڊ اڌاريون ورتيون آهن. ان جو نتيجو هي ٿو نڪري ته، بچڙاين تي پردو وجهي صرف خوبين کي چمڪايو وڃي ٿو. تاريخ جا وڏا ملزم ۽ ڏوهاري، هرقوم هجڻ سبب هيرو ۽ عظيم هجڻ جا لقب حاصل ڪن ٿا. تاريخي حقيقتن، شاهدين ۽ واقعن کي قومي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعصب جي رنگ ۾ رڱي، حسين ۽ وڏندڙ بنائڻ؛ پاڻ کي ۽ ٻين کي ڏوکو ڏيڻ جي برابر آهي. اهڙيون لکڻون نند ڏيندڙ لوليون آهن، جيڪي تان جو ڏيان هٽائي، قوم کي آهستي آهستي ڪري سمهاري چڏين ٿيون.

تاريخ جي بدقسمتي هي به رهي آهي ته فاتح قومن مفتوح قومن جي تاريخ کي يا ته ختم ڪري چڏيو، يا وري انهن جي تاريخ پنهنجي خيال کان لکي. مثال طور رومين ٻيونڪ (Punic) جنگين جي متعلق هڪطرفي معلومات مهيا ڪئي يا عيسائين ـــ غيرعيسائين تي پاڻ سوين جو تفصيل پنهنجي خيال سان لکيو يا وري عربن ـــ غيرعربن جي تاريخ کي پنهنجي انداز ۾ بيان ڪيو. انگريزن هندستان جي فتح کان پوءِ، هتي جي پوري تاريخ سامراجي مفادن تحت لکي. فاتح قومن تاريخي حقيقتن کي، پنهنجي ڪڏن ۽ سامراجي رڻائن جي پورائي لاءِ استعمال ڪيو؛ ته جيئن سندن قبضي ۽ فتح کي اخلاقي ٽيڪ ملي وڃي ۽ ماڻهن جي ذهن ۾ هي ڳالهه وهاري وڃي ته، فاتح جي جنگ اعليٰ ۽ نيڪ مقصد لاءِ هئي.

عربي سامراج کان چوٽڪارو ونڊي، جڏهن ايشيا ۽ آفريڪا جون قومون آزاد ٿيون، تڏهن انهن قومي خيال کان تاريخون لکڻ شروع ڪيون؛ تڏهن سندن ۽ گذريل سامراجي دور ۾ لکيل تاريخي مواد ۾، زبردست ٽڪراءَ پيدا ٿي ٿيو. مثال طور برطانوي دور ۾، ۱۸۵۷ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري واقعي کي بغاوت سڏيو ٿي ويو. انگريز مؤرخ اڇا تائين بغاوت اکر جي استعمال تي زور ڏيندا آهن؛ جڏهن ته نديي کنڊ جي تاريخدانن ان کي آزاديءَ جي جنگ سڏيو. اهي ماڻهو جيڪي برطانوي دور ۾ باغي، سازشي ۽ سياسي ڏوهاري هئا؛ اڄ انهن کي جنگ آزاديءَ جو سورمو سڏجي ٿو.

نديي کنڊ جي تاريخ نويسيءَ ۾، هندو مسلم فرقه پرستيءَ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هندو مؤرخن محمود غزنويءَ کي چور ۽ ڏاڙيل چيو ۽ مسلمان تاريخدانن ان کي مجاهد، متقي ۽ پرهيزگار مسلمان ثابت ڪرڻ لاءِ سمورو تحقيقي زور صرف ڪري ڇڏيو. اورنگزيب کي مذهبي ظالم پڌايو ويو ته، ان جاءِ تي ڪيس اسلام جو علمبردار ۽ پاڪباز پڻ بنائي پيش ڪيو ويو. ساڳئي وقت شيواجيءَ کي مغل سامراج خلاف، آزاديءَ جو سورمو بنايو ويو ۽ ٻين وري ڪيس باغي ۽ غدار پڻ سڏيو.

اسين هي ٻڌون ٿا ته، تاريخ کي حڪمران جماعت ۽ حاڪم طبقن پنهنجي ارادن ۽ رٿا لاءِ استعمال ڪيو آهي؛ ته جيئن سندن اقتدار کي سهارو ملي. ان ڏس ۾ هينري اسٽين ڪوميگر ڪيترو نه سٺو لکيو آهي ـ

"سچائي ۽ انصاف جي گهرج اها آهي ته اسين ڄاڻون ته، تاريخ اهو سڀڪجهه سيکاريندي آهي، جيڪو مؤرخ يا ائين چئجي ته حڪمران طبقو سيکارڻ گهري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو. تاريخ صدين کان، فتحمند فوجن جي پنيان پنيان هلندي رهي آهي. سوپارين ڏرين جي حفاظت ڪندي، اقتدار يافته طبقي جي مختلف ڪمن جي ڪامرانيءَ جو سهارو ونندي؛ تاريخ جيڪي به مذهب ظاهر ٿيا، انهن جي واڌاري ۽ اضافي ۾ رڌل رهي"(١).

تاريخدانن جي هٿ ۾، تاريخ هڪ خطرناڪ هٿيار وانگر رهي آهي؛ جي قومن ۾ نفرت ۽ دشمني پيدا ڪري، ڪين جنگ ۽ جهيڙي توڙي قتل ۽ رتوڇاڻ ۾ مصروف رکن ٿا. شايد ان ڪري ئي ڪنهن چيو هو تہ، "اهي قومون خوش نصيب آهن، جن کي پنهنجي تاريخ ڪانهي".

تاريخ ۽ مورخ

چا تاريخ جڏين کان پري ٿي لکي سگهجي ٿي؟ چا مقصد پري تاريخ، معروضي طرز فڪر ذريعي لکي سگهجي ٿي؟ هي سوال، تاريخ جي هر شاگرد جي ذهن ۾ رهن ٿا. مشهور جرمن تاريخدان رانڪي (Ranke)، ڪوشش ڪئي تہ، تاريخ ۾ راءِ، فيصلي ۽ جڏين جو دخل نہ هجي. صرف واقعن کي بيان ڪري ڇڏجي. مورخ جو ڪم صرف هي آهي تہ، تاريخ کي ائين پيش

---

(١) هنري اسٽيل ڪوميگر "مطالعہ تاريخ" (اردو) ص ١٥٦، لاهور ايڊيشن سال ١٩٢٧ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجي، جيئن ماضي ۾ ٿيو هو (Exactly it was)۔ لارڊ ايڪٽن به چيو هو ته، تاريخ کي ان پيماني تي آڻجي: جتي تاريخي واقعن ۽ شخصن کي هڪ ئي نقطۂ نظر سان ڏسي سگهجي ۽ کين هڪ ئي اخلاقي معيار تي پرکي سگهجي۔

"اسين جيسين جيئرا آهيون، ڪوشش ڪري ڪنهن ماڻهوءَ کي موڪل نه ڏجي، ته اهو تاريخ جي لافاني سزا کان بچي نڪري: جيڪا غلطيءَ تي ڏيڻ گهرجي۔"

پر حقيقت هي آهي ته اسين تاريخ کي هن معيار تي نه ٿا وڃي سگهون، چو ته هڪ مؤرخ پنهنجي موضوع جو اهڙي طرح مشاهدو نه ٿو ڪري سگهي، جهڙي طرح هڪ ڪيميادان ڪندو آهي، چو ته هن وٽ ماضيءَ جون جيڪي شاهديون ٽڙيل پکڙيل آهن، کيس ان مان ڪجهه چونڊڻو پوندو آهي ۽ هو ان ذريعي هڪ ترتيب ۽ تنظيم پيدا ڪرڻ گهري ٿو: جيڪا ماضيءَ ۾ نه هئي۔ وري مؤرخ نسلي، قومي ۽ نظرياتي جذبن کان آجو نه ٿو ٿي سگهي۔ هو ڪنهن حد تائين واقعن جي تصوير ته پيش ڪري ٿو، ليڪن هو انهن واقعن مان پنهنجا جذبا جدا نه ٿو ڪري سگهي۔

وري هر مؤرخ وٽ به جيڪا تاريخي ڄاڻ هوندي آهي، ان جي ذريعي هو ان جي لائق نه ٿو ٿي سگهي ته، ماضيءَ جي حقيقت کي وري بيان ڪري سگهي۔ اخلاقيات، فن، سياست ۽ آرٽ جي تاريخ جا جدا جدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان آهن ۽ سڀني پنهنجي جڳهه تي ٺيڪ آهن. جڏهن ڪنهن تاريخي شخصيت کي يا واقعي کي سياسي، طبي، نفسياتي ۽ مذهبي نقطه‌نظر سان ڏسو وڃي ٿو، تڏهن نتيجا ويڳ الڳ الڳ نڪرندا آهن.

مؤرخ جو مثال هڪ مسافر وانگر آهي، جو پنهنجي گهر کان پري رهندي، پنهنجي دور کان اڳتي ٿي وڃي ٿو. ڪيس جيڪي تاريخي واقعات ميسر ٿين ٿا، اهي پروسي جو ڳا نه ٿا ٿين ۽ ناقابل اعتماد تاريخي واقعا اسان جي فڪري ڪشادگيءَ ۾ ڪوبه ارادو نه ٿا ڪري سگهن ۽ ان ڪري اسين پنهنجي حال کي سمجهڻ لاءِ، انهن مان ڪوبه فائدو نه ٿا وٺي سگهون(١).

مؤرخ کي مصور سان پيٽي سگهجي ٿو، جيڪو تصوير ڏاهي ٿو مگر ان ۾ هو اصل شڪل کي پورو ۽ حقيقي طرح سان نه ٿو پيش ڪري سگهي. ساڳي صورتحال تاريخي واقعن جي هوندي آهي، جي ڪڏهن به اصلي شڪل ۾ پيش نه ٿا ڪري سگهجن.

اسين مؤرخ مان هي اميد ضرور ڪنداسين، ته هو واقعن جي هوبهو تصوير پيش ڪري. ان حيثيت ۾ تاريخدان جو مثال هڪ فوٽوگرافر وارو هوندو آهي، جو اصل جي ڪاپي پيش ڪري ٿو. ان ڪري مؤرخ لاءِ ماضيءَ جي تشڪيل، جيئن اها هئي ناممڪن شيءِ آهي.

---

(1) Collingwood, P. 6.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ مؤرخ واقعن کي ڪهڙي طرح ڏسي ۽ پرکي؟ هڪ نظريو هي آهي ته مؤرخ جيسين تاريخي واقعن کي ان زماني ۽ دور ۾ گهر ٿي نه ڏسندو، تيسين هو ان جي اصل حقيقت ۽ ماهيت کان واقف نه ٿو ٿي سگهي. مثال طور نيپولين تي لکڻ لاءِ ضروري آهي ته، مؤرخ خود نيپولين بنجي وڃي. مؤرخ جيسين ماضيءَ ۾ ڦري هڻي، ان عهد جي روح کان واقف نه ٿيندو، تيسين هو ان جي صحيح ترجماني نه ڪري سگهندو.

ليڪن ان جي برعڪس، هڪ ٻيو نظريو هي آهي ته مؤرخ واقعن جي معنويت کي اهڙي ريت پيش ڪري، جيئن هو مشاهدو ڪري ٿو. ان حيثيت ۾ نه، جنهن ۾ تاريخي ڪردار ان کي محسوس ڪن ٿا. ڇو ته تاريخ ۾ صرف واقعن کي بيان ڪرڻ، مؤرخ لاءِ ڪافي نه آهي، اصل شيءِ اهو جذبو ۽ ردعمل آهي جو مؤرخ ان واقعي مان حاصل ڪندو آهي ۽ وري لفظن ۾ ان جو اظهار ڪندو آهي.

تاريخ پڙهڻ کان اڳ لازمي آهي ته، مؤرخ جي باري ۾ پڙهيو وڃي. مؤرخ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ، ٻهريائين ضروري آهي ته سندس عهد جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن کي ڄاتو وڃي، ڇو ته هر تاريخدان پنهنجي عهد ۽ حالتن جي پيداوار هوندو آهي؛ ان ڪري هو حال ۾ رهندي ماضيءَ کي ڏسي ٿو. هو حال جي قدرن ۽ روايتن ذريعي ماضيءَ جو ايماس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو آهي، جو تہ هو جنهن تجربي مان گذري ٿو، ان جي روشنيءَ ۾ ماضيءَ کي ڏسي ٿو، جنهنڪري ڇنبو تہ تاريخ جو علم جميل ۽ بيئل ڪونهي، ليڪن اهو بدلجندو رهي ٿو. هر عهد جو تاريخ نويس، پنهنجي دور جي نظرين ۽ فڪر جي آئيني ۾، ماضيءَ جا واقعا بيان ڪندو آهي. واقعا ساڳيا هوندا آهن، ليڪن تعبير بدلجندو رهي ٿو. جيڪڏهن اسين گاندي کي پنهنجي دور جي روايتن ۾ پرکيون تہ، اڄ به هو غلط آهي؛ ليڪن حال جي قدرن (Values) کيس عظيم بنائي ڇڏيو آهي.

سري رام شرما، بيني پرشاد، سڪسينہ، پروفيسر مجيب، ڪنور اشرف ۽ عابد حسين اهي تاريخدان آهن، جن هندستان جي تاريخ تي ڪتاب لکيا. هنن جي تحريرن ۾ هندستاني فوميت جو نظريو ۽ هندو مسلم اتحاد جو سبق ملي ٿو. مؤرخ تاريخ جي سهاري سان، حال جي مسئلن ۽ سندن متعلق پنهنجي راءِ کي ظاهر ڪري ٿو. ان ڪري اي. ايچ. ڪار چيو آهي تہ، "ماضيءَ کي اسين حال جي روشنيءَ ۾، ۽ حال کي ماضيءَ جي روشنيءَ ۾ ڏسي ۽ سمجهي سگهون ٿا". اهو ئي سبب آهي جو هر دور ۾، تاريخ جو تعبير بدلجندو رهي ٿو. هر نئون نسل ماضيءَ جي تاريخ کي، پنهنجي فڪر ۽ نظرين جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهري ٿو. هي تبديل ٿيندڙ علم آهي ۽ اها تاريخدانن جي جوابداري آهي تہ، هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن علم کي زنده ۽ جاندار رکن ۽ پنهنجي زماني جي تاريخ، پنهنجي دور جي نظرين جي روشنيءَ ۾ لکن.

هنن سڀني ڪمزورين هوندي به، جيڪي هڪ مؤرخ کي آڏو آهن، اهڙيون تاريخون لکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي آهي جن ۾ قومي، مذهبي، ذاتي ۽ نظرياتي جذبن کان هٽي ڪري؛ واقعن کي صحيح طور پيش ڪيو ويو آهي. اسان جي آڏو اهڙن ڪيترن ئي برطانوي تاريخ نويسن جا مثال موجود آهن، جن برطانوي سامراج ۽ سندن نظام جي صحيح ۽ حقيقي تصوير دنيا آڏو آهي. جرمنيءَ ۾ اهڙا مؤرخ موجود آهن، جن هٽلر کي قومي سورمو بنائڻ جي ڪوشش نه ڪئي ۽ ان جي دور ۾ ٿيل واقعن تي شرم جو اظهار ڪيو آهي. اهڙا تاريخدان به آهن، جن جرئت ۽ همت سان تاريخي عمل ۽ واقعن تي، پنهنجو اخلاقي فيصلو ڏنو. مثال طور آرنلڊ ٽائن بي، فلسطينين تي ٿيل يهودين جي ظلمن کي؛ نازي ظلمن سان پيٽيو آهي ۽ ان گهاڻهه تي ڏک ظاهر ڪيو ته، جا قوم جنهن عذاب سان لنگهي هئي، اها قوم پنهنجي ذهن کي بدلائي هاڻي ظالم بنجي وڃي آهي ۽ فلسطينين سان اهو ڏي رويو ڪري رهي آهي، جو نازين (جرمن) سان ڪيو هو.

ان قسم جون تاريخون ۽ تحريرون انساني ذهن ۽ شعور جي تعمير ۾ مثبت ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ هي لکڻون اهي آهن؛ جي انسانن کي مذهبي ۽ قومي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن کان الڳ ڪري، انسانيت جي داڻي ۾ آڻين ٿيون. ڇو ته جيڪڏهن ڪا قوم بي‌عيب ۽ نقص کان آجي تاريخ پڙهڻ جي هيراڪ ٿي وڃي ۽ پنهنجي ڪمزورين کان اڇاڻ رهي ته: پوءِ اهڙي قوم ۾ اجائي هٺ ۽ وڏائي‌ءَ جا لاڙا پيدا ٿين ٿا، جي سندس حال ۽ آئندي (مستقبل) جي اڏاوت ۾ وڏي رندڪ ٿين ٿا.

اهڙي ريت هڪ مؤرخ جو ڪم هي آهي ته، هو واقعن کي تحقيق کان پوءِ ترتيب سان پيش ڪري. ان جو ڪم اهو ڪونهي ته هو واقعن تي يا شخصيتن بابت ڪو فيصلو ڏي؛ ڇو ته هي فيصلو سندس نظرين موجب هوندو ۽ ان جي ذريعي هو پڙهندڙ جي ذهن تي ڇانڻجي، مٿس پنهنجي راءِ مڙهي ڇڏيندو. ڏسجي ٿو ته تاريخدانن جي راءِ ۽ فيصلي سبب تاريخ کي گهٽو نقصان پهتو آهي. ان ريت نوجوان شاگردن کي ڏاڍو نقصان پهچي ٿو، ڇو ته هو اهي فيصلا اکيون ٻوٽي قبول ڪن ٿا؛ جنهن سبب خود سندن تنقيدي صلاحيتن کي وڏڻ جو موقعو ڪونه ٿو ملي. تاريخدان جو ڪم واقعن جي تحقيق ۽ ترتيب آهي. جيئن نباتيات جي ماهر جو ڪم آهي ٻوٽن ۽ ڪلن جون خاصيتون بيان ڪرڻ، نه انهن جي خوبصورتي — تيئن اهڙي طرح مؤرخ جو ڪم واقعن کي بيان ڪرڻ آهي؛ پوءِ اهو پڙهندڙ جو ڪم آهي، انهن واقعن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي جو فيصلو ڪرڻ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاثرات

اسان کي تاريخ جو اپياس صرف ان لاءِ نہ ڪرڻ گھرجي تہ، ان ذريعي اسين ڪنھن عھد جي تاريخي واقعن کي ياد ڪري ڇڏيون، يا وري ان متعلق ڄاڻ گڏ ڪيون. تاريخ جو اپياس ان لاءِ ضروري آھي تہ ان ذريعي، مذڪوره دور جي روح کي سمجھيو وڃي. ڪنھن دور جي روح کي اسين صرف تاريخي ڪتابن ۽ واقعن ذريعي نہ ٿا سمجھي سگھون. انھن ڪتابن ذريعي اسين ماضيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن، سندن تاريخن ۽ سالن کان تہ واقف ٿي سگھون ٿا، ليڪن ڪتابن ۾ درج واقعا، سرد، مئل ۽ ڏڏا ھوندا آھن؛ جن جي مدد سان اسين ڪنھن دور جي گرمي ۽ تپش کي محسوس نہ ٿا ڪري سگھون. ان لاءِ ضروري آھي تہ تاريخي ڪتابن ۾ درج ٿيل انھن واقعن سان گڏ، ان دور جي اڏاوتن، مصوري، موسيقي، ناچ ۽ ادب جو اپياس بہ ڪيو وڃي. ھنن سڀني صنفن جي مطالعي کان پوءِ، اسين ڪنھن دور جي روح سان متعارف ٿي سگھنداسين.

خاص طرح سان ڪنھن بہ عھد جو فن تعميرِ، ان دور جي ڀرپور نمائندگي ڪري ٿو. ھي اھو فن آھي، جنھن ۾ سڄي سماج جون تخليقي صلاحيتون ڪم ۾ اچن ٿيون ۽ جنھن ذريعي فنڪار پنھنجي دور جي روح کي قابو ۽ قيد ڪري ڇڏي ٿو. ڪتابن ۾ جيڪا شيءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثل ۽ بي روح ڏسجي ٿي، اها انهن عمارتن ۾ زنده ڏسبي آهي. مثال طور جيڪڏهن اسان مغل دور جي تاريخ جو ايپاس ڪري ورتو آهي ۽ بعد ۾ اسين ان دور جي اڌيل ماڙين کي ڏسون ٿا، ته اهي سمورا پرائا تاريخي واقعا، تخيل جي مهميز سان، جيئرا ٿي قبرن مان نڪري ايندا آهن. سندن قلعن، محلن، باغن ۽ درشن جي درين (باره دري) ذريعي، ماضي - حال ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. انهن عمارتن جي چپي چپي تي، اسان کي ڪنهن جي موجودگيءَ جو احساس ٿيندو آهي ۽ ائين پائبجي ٿو ته مغل دور جو روح انهن عمارتن ۾ قڙڪي رهيو آهي.

تاريخي عمارتن جو ايپاس، تاريخي ڪيفيت پيدا ڪندو آهي، جنهن کان سواءِ ڪنهن به دور جي روح کي نه ٿو سمجهي سگهجي. انهن عمارتن جي طرز تعمير، سينگار، پکيڙ، تنگي، باندي ۽ پستي ـــ غرض ته انهن عمارتن جي ڀاڄي ۾، ان عهد جو روح ۽ ان عهد جو ذهن رچيل ۽ آباد هوندو آهي.

ان صورتحال ۾ اسين مصوري، موسيقي ۽ ناچ توڙي ادب سان آشنا ٿيندا آهيون. انساني سماج جا هي آهي فن آهن، جنهن ۾ معاشري جون هيٺ مٿانهيون ۽ جزا ڏسبا آهن. انهن ۾ سماج جي ثقافت، رسم ۽ رواج، رهڻ سهڻ، عادتون ۽ لاڙا نظر ايندا آهن. ان ڪري ضروري آهي ته تاريخي ايپاس لاءِ، جمالياتي ذوق ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشش به هجي، ته جيئن فن جي جماليات، خوبصورتي
۽ حسن مان لطف اندوز ٿجي. هن گهاڙهين کي نظرانداز
ڪيو ته، پوءِ انسان جي تاريخ محدود ۽ تنگ ٿي پوندي.

تاريخ پڙهندي اهو به ضروري آهي ته هر دور ۾
پيدا ٿيندڙ معاشي، مذهبي ۽ فڪري نظرين جو مطالعو
به ڪيو وڃي؛ چو ته انهن نظرين جو تاريخي عمل
سان گهرو لاڳاپو آهي. هر نظريو، زماني ۽ وقت جي
اهم ضرورت کي پورو ڪري ٿو. نظريا ــــ معاشري ۽
ماحول جي پيداوار هوندا آهن. انهن جي پس منظر ۾
سماج جي ذهني ارتقا ٿئي ٿي. تاريخ جو اپياس ٿي
انسان کي هي پڌائي ٿو ته هي نظريا ڪڏهن هڪ نظرئي
جون ضرورتون پوريون ڪن ٿا، ته ڪڏهن اهي معاشري
۾ تبديليءَ ذريعي پيدا ٿيل خال کي پرين ٿا. مثال طور
بنو اميه دور ۾، جبريه ۽ قادريه نظرين کي ان ڪري
اضافو مليو، جو حڪومت کي ان ذريعي اخلاقي سهارو
ملندو هو. مامون (خليفي) معتزله نظرين کي ان لاءِ
اختيار ڪيو، چو ته ان ذريعي کيس اخلاقي مدد ملندي
هئي. پروشيا جي سرڪار هيگل جي فلسفي کي ان ڪري
سرپرستي ڏني، چو ته ان ذريعي رياستي اداري کي
استحڪام مليو ٿي. سيد احمد خان جي سياسي ۽ مذهبي
نظرين کي هٿي جي اپرندڙ تعليم يافته طبقي، ان ڪري
پنهنجو ڪيو، جو هو سندن ضرورتون پوريون ڪندو
هو. ان لاءِ اگر انساني تاريخ ۾ مذهبي، فڪري ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلسفيانہ نظرين کي تاريخ جي عمل سان گڏ ڏئو وڃي
۽ ان جو ايپاس ڪيو وڃي تہ اهو ان جي تخليق ۽
ارتقا کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو. ان کري علم تاريخ
کي سمجهڻ کان سواءِ، معاشي، سياسي ۽ عمراني فلسفي
يا ادب کي چڱي طرح نہ ٿو سمجهي سگهجي.

تاريخ جو ايپاس هن ڪالهہ جي نشاندهي ڪري ٿو
تہ، انسان جي هي ڪوشش بہ رهي آهي تہ، جنهن ريت
هن فطرت سان مقابلو ڪندي، درياڻن جو رخ موڙي
ڇڏيو يا انهن تي بند بڏي انهن جي وهکري کي قابو
ڪيو، ٺهڪ ان ريت هو تاريخ جي رخ کي بہ بدلائي
ڇڏي يا وري ان تي بند بڏي، ان جي پکيڙ، قوت ۽
تيزيءَ کي روکي ڇڏي. ان کري انسان هر دور ۾
قانون ناهي ٿو، مخالف نظامن جي تشڪيل ڪري ٿو
۽ روايتن جو بنياد وجهي، انهن کي آفاقي ۽ اٽل بڻائڻ
جو عزم ڪري ڪوشش ڪري ٿو تہ؛ تاريخ جي
وسعت کي ان جي مدد سان گڏي ڇڏي ۽ ان جي رفتار
کي ختم ڪري، ان کي هڪ جاءِ تي بيهاري ڇڏي.
انسان جا ناهيل سڀ قانون، روايتون ۽ نظام توڙي
دستورن جو مقصد هي آهي تہ، تاريخي عمل کي روکي
انساني ذهن کي هڪ هنڌ ماڻو ڪجي. انهن آفاقي
قانونن ۽ آفاقي قدرن جي مدد سان انساني سماج کي
هڪ جاءِ تي بيهاري، قيري ۽ تبديليءَ جي سڀني رستن
کي محدود ڪجي. پر تاريخي ايپاس ڏيڻائي ٿو تہ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جا ناهيل بند، رکاوٽون ۽ کوششون ناڪام ٿي ويون. هنن سڀني رکاوٽن کي تاريخي عمل پنهنجي رستي تان هٽائي، سڀني آفاقي قانونن، روايتن ۽ قدرن کي مٽائي ڇڏيو. تاريخ ۾ ڪا شيءِ آفاقي ۽ اٽل ڪانهي. هتي هر چيز ڦيرگهير جو شڪار ٿئي ٿي. انساني لاڙن کي ڪڏهن به ڪنهن سانچي ۾ قيد نه ٿو ڪري سگهجي. هر نسل پنهنجيون روايتون خود ناهي ٿو. زنده نسل، ختم ٿيل نسل کي پاڻ تي حڪومت ڪرڻ جو اختيار نه ٿو ڏئي. هر نئون نسل مٿل ۽ کوکلي ڏانچي ۾ زنده رهڻ نه ٿو چاهي، چو ته کيس ڪٿ نين روايتن ۽ نظرين جي ضرورت ٿئي ٿي. ان ڪري جڏهن هڪ نظريو تاريخي عمل ۾ موت جي جهوليءَ ۾ هليو وڃي ٿو، تڏهن ان قوم يا سماج کي نئين حياتيءَ لاءِ ڪنهن نظرئي يا نظام جي ضرورت ٿئي ٿي، جو منتشر صلاحيتن کي گڏ ڪري، مايوس دلين کي وري اميد سان همڪنار ڪري ۽ قوم کي کو مقصد مهيا ڪري.

اسپينگلر چيو آهي ته دنيا جي تاريخ، شهرن جي تاريخ آهي. شهرن جي ثقافت ڪنهن به دور جي مڪمل ثقافت هوندي آهي. سياست جا سڀئي ناڪا، شهرن ۾ ئي کيڏيا ويندا آهن ۽ شهرن ۾ ئي، واپار ۽ صنعت توڙي ڏيهه وٺ ذريعي، سماج جي معاشي زندگيءَ کي ڪنٽرول ڪيو ويندو آهي. ان ڪري مؤرخ جون نظرون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صرف شهرن ۾ کنهل هوندیون آهن. ان کان باهر یا پري، ان جون نگاهون وڃن ٿيون. شهرن کان باهر، پهراڙين جي انهي ويڙهه ۾ جيڪي تبديليون اچن ٿيون، انهن تائين، اسان جو مؤرخ پهچڻ جي کوشش نه ٿو کري. ان کري اسان جي تاريخ، تمام مختصر تاريخ کي پيش کري ٿي. هي تاريخ پوري سماج ۽ سماجي طبقن تي حاوي نه ٿي ٿئي، بلڪ اها هميشه اقليت جي تاريخ هوندي آهي ۽ اها اقليت به حڪمران طبقو هوندو آهي.

هي به هڪ حقيقت آهي ته مؤرخ پنهنجي تاريخ جو بنياد، جن دستاويزن ۽ شهادتن تي رکي ٿو، اهي به اڻپورا هوندا آهن، ڇو ته هر دور ۽ زماني ۾ گڇها ناه ٿيندا رهيا آهن، جن متعلق مؤرخ کي کجهه به چاڻ ڪانهي. مثال طور پهرين جنگ عظيم کان اڳ جيڪي گڇها ناه، انگلستان، فرانس ۽ روس ۾ ٿيا هئا، شايد دنيا انهن کان خبردار نه ٿئي ها! جيڪڏهن اهي روسي انقلاب کان پوءِ روس جي انقلابي حڪومت شايع نه ڪري ها! ۽ اسان کي معلوم ٿي، نه ٿئي ها ته وچ اوپر جي ملڪن کي انهن گڇهن معاهدن جي ذريعي انگلينڊ ۽ فرانس پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو هو. جڏهن ته عرب ظاهر ۾ پنهنجي آزادي لاءِ، عثماني خلافت سان جنگ کري رهيا هئا. ان کري اڄ اسين نه ٿا چئي سگهون ته، اسان جي تاريخ کيتري حد تائين سچي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحيح ۽ مڪمل تاريخ آهي. جيئن تہ مؤرخ کي ڪيترا ئي خفيہ دستاويز يا تہ ملي نہ سگهيا يا اهي ضايع ٿي ويا ۽ اسين جنهن کي مڪمل ۽ سچي تاريخ سمجهون ٿا، سو حقيقت ۾ ائين نہ آهي.

نيٽشي چيو آهي تہ جڏهن قومون هڪٻئي سان ملن ٿيون، تڏهن عظيم ثقافت پيدا ٿئي ٿي. جيڪڏهن ڪا قوم دنيا کان ڪٽجي جدا رهڻ يا وري پنهنجي روايتن ۽ قدرن کي خالص رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي؛ تڏهن ان جي پڇاڙي اسپارٽا وارن جهڙي ٿئي ٿي، جيڪي بلڪل الڳ ٿلڳ رهيا ۽ ڪابہ عظيم ثقافت يا تمدن پيدا نہ ڪري سگهيا. ليڪن جيڪي قومون، بين قومن سان ملن ٿيون ۽ ڪنهن برتريءَ جي مرض ۾ وڪوڙيل ڪونهن؛ پنهنجي روايتن کي عظيم ۽ آفاقي نہ ٿيون سمجهن، بلڪ بين قومن جي تهذيب ۽ تمدن کي ڪلي دل سان قبول ڪن ٿيون. اهڙيون قومون هميشہ سگهاري، پرپور ۽ تخليقي ثقافت کي جنم ڏين ٿيون. عظيم ثقافت کي پيدا ڪرڻ جي لاءِ، ذهن ۾ ڪشادگي ۽ محبت هجڻ گهرجي. تنگ نظري ۽ نفرت جا جذبا ڪڏهن بہ، ڪنهن وسيع ثقافت کي پيدا ڪرڻ کان قاصر ٿين ٿا.

اسين پنهنجي موجوده تاريخ کي "عالمي يا آفاقي" تاريخ نہ ٿا چئي سگهون، ڇو تہ حقيقت هي آهي تہ انسان پنهنجي سموري ترقيءَ جي باوجود، اڄ تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي دنيا جي قومن جي تاريخ کي مرتب نہ ڪيو آهي. اڄ بہ آفريڪا، ايشيا، آسٽريليا ۽ لاطيني آمريڪا جي هزارين قبيلن ۽ قومن جي تاريخ، ثقافت، تمدن ۽ ڪلچر جي باري ۾ اسان جي ڄاڻ گهٽ آهي يا وري انهن متعلق اسين ڪجهہ نہ، نہ ٽيا ڄاڻون. اسين صرف اوپر ۽ اولهہ جي محدود تاريخ کي عالمي تاريخ نہ ٽا چئي سگهون ۽ نہ وري ان ذريعي جيڪي نتيجا نڪرن ٽا، انهن کي بين سيني تاريخن تي نافذ ڪري سگهجي ٿو.

جڏهن اسين اوپر ۽ اولهہ جي تاريخ جو اڀياس ڪيون ٽا، تڏهن انهن ٻنهي جي رستن ۾ اسان کي ڇٽو فرق ملي ٿو. ترقي پسند ۽ رجعت پرست قوتن جي ڪر ۾ اوپر ۽ اولهہ جو موقف مختلف آهي. اولهہ ۾ هن ڪر جي نتيجي ۾، منجهيل (zigzag) طريقي سان ترقي ٿي، ترقي پسند قوتن کي شڪست بہ ٿي ۽ شڪست قبول بہ ڪرڻي پئي، ليڪن آخرڪار اهي ڪامياب بہ ٿيا ۽ اڳتي وڌيا. ليڪن اسين پنهنجي تاريخ ۾ ڏسون ٽا تہ، هتي ڪراءَ جي نتيجي ۾، ترقي پسند طاقتون هميشہ ناڪام ٿيون. ان ڪري اسان جي تاريخ نہ، تہ مٿي وڃي رهي آهي ۽ نہ وري اڳتي، بلڪ هڪ دائري ۾ گهمي رهي آهي.

اسان وٽ تاريخ ۾ روايت پسندي، پوري شدت سان موجود آهي. هي هڪ زهر آهي، جنهن اسان جي پوري جسم کي زهريلو ڪري، ان جي سڄي گرمي ۽ طاقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي بيڪار ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري اسان جي تاريخ ۾، اسان کي نہ ته ترقيءَ جو نظريو ٿو ملي، نہ ترقي پسند قوتن جو تصور؛ بلڪ اها مايوسي ۽ اونداهي تصوير پيش ڪري ٿي؛ جنهن ۾ اميد ۽ روشنيءَ جو ڪو ترورو نظر ئي نہ ٿو اچي.

تاريخ ماضيءَ سان گهڻيندي، انسان کي ماضيءَ جي محبت ۾ جڪڙي ڇڏي ٿي. ماضيءَ سان زياده لڳاءُ، ٻ سماج جي لاءِ نقصانڪار آهي. اهو ئي سبب آهي جو، نيٽشي چيو آهي ته، انسان کي ماضيءَ جي ايتري چاڙ ايتري هڇ گهرجي، جيتري اها هضم ڪري سگهجي. ڇو ته حد کان وڌيڪ ماضيءَ جي چاڙ، ۽ حد کان وڌيڪ ماضيءَ جي يادگيري، ذهن کي انتشار جو شڪار بنائي ڇڏي ٿي ۽ هو ان قابل نہ ٿو رهي ته، پنهنجي حال جي مسئلن کي حل ڪري سگهي. ماضي ان لاءِ سهڻو خواب بنجي پوي ٿو، جنهن ذريعي هو تيار ۽ سجاگ نہ ٿو ٿئي.

تاريخ جي اپياس کان پوءِ اسين ان نتيجي تي پهچون ٿا ته، انسان تاريخ جي تجربن مان، حال جا مسئلا حل نہ ٿو ڪري سگهي. ان جو سبب هي آهي ته تاريخ ۾ ٿيندڙ واقعا هڪجهڙي کان بلڪل الڳ ٿيندا آهن. دنيا جي هر تهذيب ۽ تمدن جداگانہ يونٽ آهن، جنهن جي ابتدا ۽ انتها هڪجهڙي کان بلڪل الڳ هوندي آهي. ان ڪري اسين هڪ جي روشنيءَ ۾ ٻيو واقعو ۽ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تهذيب جي نموني تي ٻي تهذيب نہ ٿا ڏسي سگهون ۽ نہ وري سمجهي ٿا سگهون. هڪ واقعي جي روشنيءَ ۾ ٻئي واقعي جو حل نہ ٿو ڳولي سگهجي. مثال طور فرانسي انقلاب ۽ روسي انقلاب ۾ مٽاچري هڪجهڙائيءَ جي باوجود، هتن ٻنهي جي نمونن (Patterns) ۾ زبردست اختلاف آهي. ٻنهي جي اوسر مختلف حالتن ۾ ٿي ۽ ان ڪري ٻنهي جا نتيجا به مختلف نڪتا.

تاريخ ۾ برابريءَ ذريعي نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش، هميشہ گمراهيءَ جي طرف وڃي ٿي. جيئن تہ تاريخ جو ڪو منصوبو ڪونهي، ان جو ڪوبہ سائنسي قانون ڪونهي، ان ڪري اسين ڪنهن شيءِ جي باري ۾ ڪا اڳڪٿي نہ ٿا ڪري سگهون. جنهن سبب تاريخ جي هن حيثيت جي ڪا اهميت ڪانهي تہ، اها اسان کي مرض کان پهرين باخبر ڪري ان کان محفوظ ڪندي. تاريخي تجربا نہ، تہ قومن جي زوال کي روڪين ٿا ۽ نہ ان جي تباهيءَ کي! جيئن تہ هر سماج ۽ قوم يا تهذيب جي ارتقا ۽ اوج بلڪل الڳ الڳ ٿئي ٿو، ان ڪري هر نمونو، ٻين تي لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي.

قومن جي تاريخ ۾ سندن عمل کان سواءِ، باهرين واقعن ۽ حادثن کي به وڏو دخل ٿئي ٿو، ۽ اڪثر اهي سبب آهن؛ مگر ڪا قوم انهن کي منهن ڏئي ٿي ۽ ڪا وري آجي آهي. ائين ڇو آهي؟ صرف اتفاق، حادثو يا خدائي مرضي! مثال طور مغل سلطنت اورنگزيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي موت کان پوءِ، اندرين ۽ باهرين واقعن ۽ حادثن جي نتيجي ۾ محمد شاه جي وفات (١٧٤٨ع) تي ختم ٿي وئي. ليڪن عثماني سلطنت جنهن جو زوال سليمان قانون جي وفات سان شروع ٿيو، پوءِ به ١٧٥٠ع تائين ٽيڪ ٽاڪ رهي. ان بعد زوال آيو، ليڪن پوءِ به هي بادشاهي ١٩١٤ع تائين قائم رهي. ترڪن جو زوال تيمورين کان پهرين شروع ٿيو، پر تيموري پهريائين ختم ٿي ويا ۽ عثماني سلطنت زوال کان پوءِ به، ١٦٥ سال باقي رهي. تاريخ ۾ هڪ واقعو جو، هڪ قوم کي پيش آيو آهي، اهو بي قوم کي آڏو نه ايندو. نواڻ، تبديلي، اڪيوت ۽ رنگيني، اسان کي هن نتيجي تي پهچائي ٿي ته، تاريخ ۾ نه ته ڪو منصوبو آهي ۽ نه وري ڪو اٽل قانون آهي. تاريخ کي اسين نه ته، مڪمل سائنس چئي ٿا سگهون ۽ نه وري مڪمل آرٽ. هي آرٽ ۽ سائنس کان، بلڪل جدا هڪ ٽيون علم آهي.

پڇاڙي

تاريخ جو علم سڀني ڪمزورين جي باوجود، علم جي هڪ اهم، ضروري ۽ لازمي صنف آهي: جو ته هي اهو اڪيلو علم آهي، جو ماضيءَ جي سڀني تجربن ۽ واقعن جي خزاني کي محفوظ ڪيو اچي. هي اهو علم آهي جو انساني تهذيب ۽ تمدن جي پاڻ کي ٽيڪ ڏيو اچي. جيڪڏهن اڄ دنيا مان تاريخ ختم ٿي وڃي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿہ انسان جا سڀ تجربا انسان جي اکين آڏو غائب ٿي وڃن ۽ انسان جي ماضيءَ جون يادون ذهن تان لهي وڃن، تہ انهن پاڻ کي اوڇتو کوکلو ۽ بي جان سمجهنداسين ۽ انسان جي زندگي، انسان جي تهذيب ۽ تمدن، خلا ۾ پٽکيل رهجي ويندا. ان ڪري سماج جي ترتيب ۽ تنظيم لاءِ تاريخ جو هجڻ ضروري آهي. تاريخي روايتن کان سواءِ، انهن کي نئون دستور، قانون يا روايت ٺاهي نہ ٿا سگهون.

انسان کي تاريخ سان ان لاءِ به دلچسپي آهي تہ، هي انسان جي پنهنجي ڪهاڻي آهي. سندس اوج ۽ زوال جي، بلندي ۽ پستيءَ جي، خوشي ۽ ڏک جي ڪهاڻي! ان ڪري جڏهن هو تاريخ پڙهي ٿو، تہ ان ۾ ڪيس پنهنجو عڪس، پنهنجو ذهن ۽ پنهنجو عمل ڇٽو نظر اچي ٿو. ڪيس تاريخ پڙهندي تسڪين ٿئي ٿي تہ جيڪا ڀين تي گذري، اها مٿس گذري رهي آهي يا جو ڀين سان ٿيو هو به ان سان منهن مقابل آهي. بهادري، صبر ۽ بردباريءَ جي واقعن مان ڪيس همت ملي ٿي، ڏک جي واقعن مان ڪيس صدمو ٿئي ٿو. خوشيءَ جي واقعن مان خوش ٿئي ٿو. عجيب ۽ نادر واقعن مان حيرت واري حالت ٿئي ٿي. عظيم انسانن جي زندگي ۽ سندن قربانين ۽ عمل مان ڪيس تسڪين ملي ٿي تہ، هو به عظيم ڪم ڪري سگهي ٿو، نيڪي لاءِ ڪوشش ڪري سگهي ٿو ۽ مقصد لاءِ پنهنجي جان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ قربان ڪري سگھي ٿو. عملي زندگيءَ ۾ ظالم چاهي ڪامياب ٿئي، ليڪن تاريخ جي صفحن ۾، اهي شخصيتون زنده رهن ٿيون، جن حق جي خاطر قربانيون ڏنيون هجن. تاريخ جو اهو ئي پهلو آهي، جيڪو اسان کي حوصلو ڏئي ٿو، تہ اسين پنهنجي زندگي کي پرمسرت ۽ خوشگوار بنائڻ لاءِ، ڪنهن جو انتظار نہ ڪيون؛ خوشگوار زندگيءَ کي مستقبل جي حوالي نہ ڪيون، بلڪ پنهنجي حال کي بهتر بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪيون. هن جدوجهد ۾ اسين اڪيلا نہ آهيون، تاريخ اسان سان گڏ آهي.

———

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جي تياريءَ ۾ ڪتب آندل مواد

1. William, H. Dray: "Philosophy of History", Englewood Cliffs, N.J. 1964.
2. R. G. Colingwood: "The Idea of History", Oxford 1966.
3. Ludwig Von Mieses: "Theory & History", London 1958.
4. K. Marx & Engles: "Manifesto of the Communist Party", Moscow 1966.
5. Karl Vietor: "Goethe the thinker". Harvard 1950.
6. Owen Chadwick: "The Secularization of the European mind in nineteenth century", Cambridge 1972.
7. Johann Gotfried Von Herder: "Reflection on the Philosophy of Hitory of Mankind", Abridged english edition: Frank E. Manuel Chicago 1968.

8. پليخانوف - "تاريخ ۾ فرد جو ڪردار" ماسڪو 1957ع.

9. هينري اسٽيل ڪوميجر- "مطالع تاريخ" (اردو) لاهور 1972ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي تاريخ
کي سمجھڻ ۽ چاڻڻ لاءِ پڙھو

(۱) سنڌ جي سياسي جدوجھد
(۱۸۴۳ع–۱۹۳۶ع)

(۲) تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو
(۱۹۳۷ع–۱۹۴۷ع)

مصنف: ڈاڪٽر محمد لائق زرداري

سنڌ جي هر مشهور بوڪ اسٽال تان ملي سگھندا.

اڄ ئي ونڊي پڙھو ۽ علم ۽ چاڻ ۾ اضافو آڻيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسان جا چپايل ڪتاب

۱- سنڌين جي تباهيءَ جا ڪارڻ (مرتب ـ غلام علي باگاڻي)، سال ۱۹۷۸ع.

۲- ساڻيهه ڪر سنپال (مرتب ـ غلام علي باگاڻي)، سال ۱۹۷۹ع.

۳- سنڌ صدين کان (ليکڪ ـ غلام محمد لاکو)، سال ۱۹۸۰ع.

۴- سنڌي ادب (ليکڪ ـ سيد حسام الدين راشدي)، سال ۱۹۸۱ع.

۵- تاريخ جو سبق (ليکڪ ـ ڊاڪٽر مبارڪ علي)، سال ۱۹۸۴ع.

صفحا ۸۰: ڪرائون سائيز: قيمت ـ/۶ رپيا

جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

۱- سنڌ صدين کان (ليکڪ ـ غلام محمد لاکو)، وڏايل ۽ ستاريل چاپو.

۲- ڀري هن ڌرتي ۾ (شاعري ـ لاکو رحيم بخش قمر).

3- Some thing about Shah-A. latif
(Compiled by: Ghulam-Mohammed Lakho)

پبلشرز:

گرامي پبليڪيشنس دولت پور صفن

ضلع نواب شاه سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڈاڪٽر مبارڪ علي

ڈاڪٽر مبارڪ علي صاحب سنڌ جي سرحدي رياست، راجپوتانا جي ٽونڪ علائقي ۾، سنہ ۱۹۴۱ع ۾ پيدا ٿيو. سال ۱۹۵۲ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ رهائش پذير ٿيو. سٽي ڪاليج حيدرآباد مان سال ۱۹۶۱ع ۾ بي- اي، ۽ ايم- اي (جنرل هسٽري) سال ۱۹۶۳ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪري؛ ان سال ئي ساڳئي اداري ۾ استاد مقرر ٿيو، جتي هاڻي شعبي جو چيئرمن ۽ ايسوسئيٽ پروفيسر آهي. پاڻ ۱۹۷۶ع ۾، روهر يونيورسٽيءَ (اولهہ جرمني) مان، ڈاڪٽوريٽ جي سند ورتائون. سندس ٿيسز جو عنوان "The Court of Great Mughuls" هو. متعدد مقالن کان علاوه، ڈاڪٽر صاحب جا هي ڪتاب ڇپيل آهن ـــ تاريخ ڪيا هے (۱۹۸۲ع)، تاريخ اور شعور (۱۹۸۳ع)؛ سنده کي تاريخ کيسے لکهني چاهئے (۱۹۸۳ع)؛ سنڌ ۾ ايسٽ انڈيا ڪمپني (انگريزي - ۱۹۸۳ع)؛ ۽ آخري عهد مغليہ کا هندستان (۱۹۸۴ع).

ـــ ڈاڪٽر محمد لائق زرداري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻار
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻار

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڦُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَکَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَکَ ڄاڻو تہ اُهو ٻہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، گاڙهو، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڑھندڙ، بَرندڙ ۽ پڑھندڙ، سُست ۽ پڑھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڑھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجِيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَئن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ ميجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڪاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي پوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي پوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي پوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آساني سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book